اَمان ٻڌايو ته...



ڪوٽومل بي. واڌواڻي

پوِتر ياد ۾



ريمتي گنگاديوي ڪرمچند ڏنڪاڻي

سرڳواس تاريخ : 24-7-1972



شري ڪرمچند شونداس ڏنڪاڻي

سرڳواس تاريخ : 30-4-1984

وڇڙيا آهيون پر وسريا نہ آهيو، توهانجي ياد پل پل ايندي آهي ۽ اسانکي يوگيہ راھہ ڏيکاريندي آهي ۽ توهانجي ٻڌايل راھہ تي هلندا آهيون. توهانجي آسيس ڏنڪاڻي پريوار تي رهي آهي.

شيوا ۾:

1. جهمٽمل ڪرمچند ڏنڪاڻي
2. گرمکداس ڪرمچند ڏنڪاڻي
3 رامچند ڪرمچند ڏنڪاڻي
4. گهنشامداس ڪرمچند ڏنڪاڻي

۽ ڏنڪاڻي پريوار

بڙودا

آمان ٻڌايو ته...

(لوڪ ادب)

سڪ ڀري سوکڙي
پيپن ڪلا ٻناڻي
محبت مان،
ڪوڙومل- بي- واڌواڻي

ليکڪ

ڪوڙومل بي. واڌواڻي

254/A، ڊاڪٽر ڪتواڻي هاسپيٽل جي پٺيان،
سردارنگر، احمدآباد- 382475 (گجرات)

مٺڙي ياد ۾



پوڄنيه ماتا

شريمتي ميران ديوي رام رکياڻي





پوڄنيه پتا

شري وسيومل رام رکياڻي

شيوا ۾

چندر لعل وسيومل رام رکياڻي

Pooja Furniture

M. : 94295 18240

ڏيروياڻي وسيومل رام رکياڻي

Krishna Furniture

M. : 9924151914

اَمان ٻڌايو تہ...



منهنجي امان
پوري ٻائي پنيومل واڌواڻي

جنهن ننڍپڻ ۾ اسانکي
سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻڌائي
امان ۾ سنسڪارن جا ٻج وڌا.

اَمان ٻڌايو تہ...

(لوڪ ادب)

□ ڪوٽومل بي. واڌواڻي

□ سال : 2014

□ قيمت: 80 روپيہ

□ ڪاپيون :500

ڇپائيندڙ : ڪوٽومل بي. واڌواڻي

254/A، ڊاڪٽر کٽواڻي هاسپيٽل جي پٺيان،

سردارنگر، احمدآباد- 382475 (گجرات)

AMA BUDHAYO TA...

(Folk Literature in Sindhi)

by : KOTUMAL B. WADHWANI

Year : 2014

Price : Rs. 80/-

Copies : 500

Published by : KOTUMAL B. WADHWANI
254/A, Behind Dr. Khatwani's Hospital,
Sardarnagar, Ahmedabad-382475

Type Setting & Printed by : SCAN COMPUTERS
3, Radheyshyam Apartment,
Patia, Naroda Road, Ahmedabad-382345
Phone : 30246776 (M) 9327007002

ليکڪ طرفان ٻه اکر

اسين ننڍا ٻار هوندا هئاسين. منهنجي هڪ ڀيڻ مونکان وڏي ۽ هڪ ڀيڻ مونکان ننڍي. هڪ وڏي ڀيڻ هئي جنهن جي شادي ڪيل هئي. هوءَ الڳ پنهنجي پتيءَ سان رهندي هئي. ڪل اسين چار ٻار هئاسين. پتا ننڍپڻ ۾ گذاري ويو. ماتا اسانجي پالنا ڪئي. اسان لاءِ ماتا به هوءَ هئي ته پتا به هوءَ هئي. اسانکي هوءَ آکاڻيون ٻڌائيندي هئي جيئن اسين سٺا ٻالڪ بڻجون. پڙهڻ ڏانهن ڌيان ڏيون. پڙهي سٺا ماڻهو بڻجون. نيڪ بڻجون. اسانکي آکاڻي ٻڌڻ ۾ گهڻو مزو ايندو هو. آکاڻين جو انداز سوَن ۾ هوندو هو. اسان امان کي چوندا هئاسين، ''امان توهان وٽ آکاڻين جو ڀنڊار آهي.''

مونکي جيئن ياد اچي ٿيون تيئن انهن کي لکان ٿو. امان جي احسان کي وساري نه سگهندس. امان صبح جو سوير اُٿندي هئي، پرڀوءَ جي ڀڳتي ڪندي هئي، شام جو ستسنگ ۾ ويندي هئي.

امان جي سوجهه ٻوجهه تمام گهڻي، ٻڌي تيز، يادگيري تمام تکي، ٻاڙي ۾ سيني سان پيار. ڪنهن کي ماتا نڪري ته ڏيکارڻ لاءِ پهچي وڃن امان وٽ. ڪليون پئجي وڃن، ڪاڪڙو لهي ويو هجي، موڙو پئجي ويو هجي، ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي ته ڦار پائڻ لاءِ امان وٽ اچن. امان ڪين ٻڌائيندي هئي ته شيءِ ملندي يا نه ملندي. امان جون کهڙيون ڳالهيون توهان کي ٻڌايان. هوءَ ديوي هئي. پوڄنيه هئي. هوءَ خوددار ناري هئي. هوءَ ڪيڇا پاپڙ ڪندي هئي. هن ڪنهن جي اڳيان ڪڏهن به هٿ نه ڊگهيريو.

وڏا ڏاڏا-ڏاڏيون، نانا-نانيون ساهتيه جو ورثو ننڍن کي ڏيندا رهيا آهن جنهن ڪري اهڙي قسم جو ڦهلاءُ ٿيندو رهيو آهي. اُهي آکاڻيون وڏن وٽان مليل سوغات آهن. اِهو اسانجو لوڪ ورثو آهي. اڄ جي وقت ۾ جڏهن اسين ديش جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڦهليل آهيون، تڏهن ته اسانجي سڃاڻپ لاءِ ان کي سنڀالي رکڻ تمام ضروري آهي. اهڙي ساهتيه ۾ اسانجي سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو درشن پڻ ٿئي ٿو.

فهرست

- ليڪڪ طرفان ٻه اکر 5
- پيش لفظ — هوندراج بلواڻي 8
- امان ٻڌائيندي هئي بابت هڪ رايو 10

1. لکيو ڪين ٿري، لکيو لوهاڻا ڪوٽ ٽوڙي ڇڏي 11
2. جن کي ايشور جو آسرو، تنهن کي لهر نکو لوڏو 14
3. سچ جي ڪمائي-سچ تي صاحب راضي 17
4. پريوءَ جي مهما آهي اپار 20
5. سچي کا بول بالا- جوٺي کا منهن ڪالا 22
6. ڏيکاري ڏيئو پرٽاياڻون پنجوءَ سان. 24
7. ماندي نه ٿي مارئي. الله ٻه آهي. 32
8. سنتن جي مهما آهي اپار- املهه دان 35
9. موهنيءَ جي پتيءَ جي شيوا رنگ لاتو 39
10. هرڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي 55
11. ڪوپڙيءَ مان آواز آيو 60
12. وٺ انجڙين جو جلاب 62
13. سس ڙي سس ! تو ۾ نه آهي رس 65
14. تون ٻه فقير مان ٻه فقير، فقير ڪان بيک ڪير ونندو؟ 76
15. سنتن جي مهما آهي اپار 78

وج شري سوامي پرڪاش (سپتر بابا جيرامداس سردارنگر، احمدآباد
رٻار) جن جي آشيرواد سان هيءُ ٻيون ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.
ان شڪرگذار آهيان پوڄنيه شري ايسرسنگهه بيدي (اجمير) جن ڀهرئين
ڪتاب لاءِ ڪافي همت افزائي ڪئي. مان شڪرگذار آهيان شري ٻلرام
ڀاٽيءَ جو جنهن ڀهرئين ڪتاب لاءِ رايو موڪليو. هو صاحب منهنجا
ستاد پڻ آهن.

گرديو سوامي سويم پرڪاش جي اسيم ڪرپا ۽ ماتا جي آسيس سان
ٻون ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. مان جڏهن لکڻ وهندو آهيان
ڏهن ائين محسوس ڪندو آهيان تہ امان ٻڌائيندي وڃي ۽ ٿي ۽ مان
ڪندو وڃان ٿو. امڙ ڪي ۽ ان جي يوگدان کي وساري نہ سگهندس،
ونئن بہ ماتا جو پد اوچو آهي.

ڪوڻومل بي. واڌواڻي

چوندا آهن تہ، 'جيون ان جي سرهي جنهن جو موت بہ سرهو.' اسين اسپتال ۾ هئاسين. امان کي پرون پئجي ويا تہ مان هلڻ واري آهيان. هوءَ مرڻينگ حالت ۾ هئي ۽ چئي رهي هئي تہ نار وڃي رهي آهي. هوءَ جئہ شري ڪرشن، جئہ شري ڪرشن ۽ جئہ گرديو چئي رهي هئي. ائين چوندي چوندي هن جو پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو.

ماتا پوري بائي پنيومل واڌواڻيءَ جي اسيم ڪرپا آهي ۽ هنن جي آشيرواد اسان جي رهنمائي ڪندي رهندي آهي.

مان شڪرگذار آهيان شري ڪنعيالال رنگناڻيءَ جو جنهن جي همت افزائيءَ سان هي ڪتاب ڇپيو آهي. مان شڪرگذار آهيان شري دليپ شيام لعل رامرکياڻيءَ جو جنهن 'زندگي سماچار' اخبار ۾ منهنجا ليکہ ڇپيا. مان شڪرگذار آهيان 'هندو' روزاني اخبار وارن جو، جن بہ منهنجا ليک ڇپيا. مان شڪرگذار آهيان هفتيوار 'هندواسي' وارن جو، جيڪي منهنجا ليک ڇپيندا رهيا آهن. مان شڪرگذار آهيان شري شيام سچانند اڻيءَ جو جنهن پڻ اُتساهت ڪيو تہ ڪتاب ڇپايو. مان شڪرگذار آهيان اسڪين ڪامپيوٽر وارن جو جن محنت ڪري هن ڪتاب کي سهڻو روپ بخشيو آهي. سڀ کان وڌيڪ مان شڪرگذار آهيان ڊاڪٽر هوندراج بلواڻيءَ جو جنهن قدم قدم تي سهڪار ڏنو آهي ۽ هميشه همت افزائي ڪندو رهيو آهي. هن صاحب ڪتاب جو مهاڳ پڻ لکيو آهي ۽ ڪتاب کي سينگاريو ۽ سڌاريو بہ آهي. اُنهن دوستن جو ڪيترن ليکڪن جو جن پهرئين ڪتاب 'امان ٻڌائيندي هئي...' کي پڙهي پنهنجو رايو موڪليو آهي جنهن جي ڪري مونکي همت آئي ۽ ٻيو ڪتاب ڇپائي رهيو آهيان. مان شڪرگذار آهيان ناناڻن ۾ (ڏنڪاڻي پريوار بڙودا) وارن جو جن جي ساٿ ۽ سهڪار سان هي ڪتاب ڇپيو آهي. مان شڪرگذار آهيان جن مونکي همٿائڻ لاءِ پنهنجا رايا پئي ڏنا آهن. مان شڪرگذار آهيان پوجا فرنيچر وارن جو جن پڻ سهڪار ڏنو آهي.

مان شڪرگذار آهيان شري شيام روهڙا (گاديسر بابا آيارام دربار سردارنگر - احمدآباد) جا جيڪي هميشه چوندا هئا تہ ڪتاب ڇپايو. تمام سنا ويچار آهن. امان جون يادگيريون آهن ۽ مان شڪرگذار آهيان

کي ٻالهيون اڳ ۾ ڪٿي پڙهيل يا ٻڌل ٿي لڳن. اهي لوڪ ادب جو حصو آهن. لوڪ ادب هڪ پيڙهيءَ کان ٻي پيڙهيءَ تائين زباني روپ ۾ پهچندو آهي. زباني پرمپرا جي هڪ خاصيت آهي سا اها ته اهي چيزون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچنديون آهن ته انهن ۾ ڪجهه جڙندو ٿي ويندو آهي ته ڪٽجندو ٿي ويندو آهي. ممڪن آهي ته ڪوتومل جي ماتا پنهنجن ٻارن کي جيڪي ٻه ٻڌايو هو سو هن ليکڪ وٽان جيئن جو تيئن نه ٿي آيو هجي ڇو جو اهي سڀ آکاڻيون ۽ ٻالهيون هن يادداشت تي زور ڏيندي ڏيندي لکيون آهن. ممڪن آهي ته ڪوتومل جي ماتا وڏن وٽان جيڪي ٻڌو هو سو هوءَ جيئن جو تيئن ٻارن کي ٻڌائي نه سگهي هجي.

هن ڪتاب جي ليکڪ ڪوتومل واڌواڻيءَ پنهنجي جيون جا ڪيترائي سال ٻارن کي پڙهائڻ ۾ گذاريا آهن. هن جو لاڙو آڌياتمڪ ٻالهين ڏانهن آهي. ڌارمڪ ورتي رکندڙ ماڻهو آهي. رٽاير ٿيڻ کانپوءِ هن ۾ ساهتيه لکڻ جو شوق پيدا ٿيو آهي. اخبارن ۾ ڪجهه نه ڪجهه پيو لکندو آهي. هن جو لکيل ساهتيه سداچاري آهي. آدرشوادي آهي. سداچار ۽ آدرشواد جي ته اڄ جي زماني ۾ وڌيڪ ضرورت آهي.

هن ڪتاب جي هڪ خاص خوبي جيڪا ڌيان ڇڪائيندڙ آهي سا آهي لڳ ڀڳ هرهڪ آکاڻيءَ جي پڇاڙيءَ ڏنل امڙ جي واڻي. آکاڻي ٻڌائي هوءَ ٻارن کي پنهنجي پاران ٻه سکيا ڏئي ٿي.

اهڙا سندر وچن يلي سکيا جيان لڳندا هجن پر اهي ٻارن جي لاءِ ڪافي اهميت رکندڙ آهن.

آخر ۾، هن ڪتاب کي پڙهو. ڌيان سان پڙهو. پڙهڻ بعد ڪابه ٻالهه توهانجي دل کي ڇُهي وڃي ته ليکڪ کي ان لاءِ داد ضرور ڏجو.

-هوندراج بلواڻي

پيش لفظ

وڏڙن جون ڳالهيون ٻه وڏڙيون!

ڪو وقت هو جڏهن ڳڏيل ڪٽنبن جو رواج هو. اسان ڳڏيل ڪٽنب
جو حصو هئاسين. گهر جا وڏڙا ٻارن کي نه صرف پيار ڪندا هئا
وقت ڪڍي انهن کي سٺيون سٺيون ڳالهيون ٻه ٻڌائيندا هئا. هن
جي انهن ڳالهين مان گهٽي چاڻ ٻه ملندي هئي ته سنسڪارن
ورثو ٻه ملندو هو. وڏڙن وٽ آڪاڻين، ٽوٽڪن ۽ ڳالهين جو اکٽ ينڊ
هوندو هو جيڪو هو پنهنجن ننڍڙن کي ڏيندا رهندا هئا.

پر اڄ وقت بدليو آهي. ڳڏيل ڪٽنب جو خيال هينئر چڻ ه
سپنو بڻجندو پيو وڃي. گهر ٽٽندا تا وڃن. ڏاڏو-ڏاڏي پنهنج
پوٽن-پوٽين کان دور ٿا رهن. اڄ جي ٻارن کي انهن وڏڙن جو پ
پريو هتڙو ٻه نصيب نٿو ٿئي. جيڪڏهن اُهي وڏڙا ٻارڙن جي ويج
ٻه آهن ته ڪين اڄ جي وڏڙن جيان ٻارن کي انهيءَ اکٽ ينڊار
ٿورڙو حصو ٻه نه ٿو ملي. ٻار ٻه اڄ جي پڙهائيءَ جي ٻار هيٺ اي
ته دٻيل رهن ٿا جو ڪين ڏاڏي-ڏاڏيءَ جي نزديڪيءَ جو لاڀ
نٿو ملي. پڙهائيءَ مان ٿوري گهٽي فرصت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ
ٽي.وي.، ويڊيو گيمس، ڪارٽونن وغيره جي دنيا ۾ کوهجي وڃ
ٿا.

نصيبن وارا آهن اڄ جي پيڙهيءَ وارا ماڻهو، جيڪي وڏڙن ج
هٿ هيٺ پليا-جن کي وڏڙن جو ڏات جو، وڏڙن جي سخنن
وڏڙن جي وچنن جو ٿورو يا گهڻو حصو مليو.

هن ڪتاب ۾ ليکڪ ڪوٽومل واڌواڻيءَ پنهنجي امڙ وٽان مل
ورثي جون ڪيتريون نصيحت آميز ۽ سداچاري ڳالهيون درج ڪي
آهن. هن ۾ ننڍڙا ننڍڙا پرسنگ آهن. دل کي ڇهندڙ ڳالهيون آه
کي دلچسپ آڪاڻيون ٻه آهن. ممڪن آهي ته ڪيترن پاٺڪن

لکيو ڪين ٽري، لکيو لوهاڻا ڪوٽ ٽوڙي ڇڏي

هڪ راجا هو. هڪ ڏينهن هن جي ڌيءُ نديءَ ۾ سنان ڪندي ٻڏي يئي. راجا کي هڪ ئي ڌيءُ هئي. راجا ڪيترن توبن کي گهرايو، ڪيترن ماڻهن کي چيو. ''راجڪماريءَ کي بچايو. جيڪو راجڪماريءَ ي بچائيندو مان اُن کي خوش ڪندس.'' ڪيترن ڪوشش ڪئي پر اجڪماريءَ کي ڪوبه ڪڍي نه سگهيو. آخر ۾ هڪ جت (اوٺي) اُٺ تي ڙهي اُتي آيو. هو جاٺو، رشت پشت، ناهوڪو ۽ سهڻو جوان هو. هو ٺ تي چڙهي نديءَ جي ڀُڻ پر ويٺو هو. هن ماڻهن جي ڀيڙ ڏٺي. ڇيائين ته، ''ڇا ٿيو آهي؟'' ماڻهن کيس ٻڌايو، ''راجا جي راجڪماري ي ويئي آهي. ڪير به اُن کي ڪڍي نٿو اچي. الائي ڪيڏانهن ب ٿي ويئي آهي.'' جت چيو ته ''مان ڪڍي ايندس.'' ماڻهو هن راجا وٽ وٺي آيا.

راجا چيو ته ''جلدي ڪڍي اچ، مان توکي خوش ڪندس.'' جت ، ''راجن، انجام ياد رکجو مونکي خوش ڪندا.'' راجا چيو ته ''ها ڪندس. تون جيڪو چوندين اُهو ڪندس پر منهنجي ڌيءَ کي ءَ.''

جت نديءَ ۾ گهڙي ويو. هن ڪلاڪن جا ڪلاڪ هن کي ڳولهيو. آخر شيءَ جي حالت ۾ هن کي ڀاڪر ۾ ڪٽي ٻاهر آندو. ڀاڪر پائڻ سان جي سڄي بدن ۾ لرزش اچي ويئي. هن راجڪماريءَ کي هوش ۾ اءِ ڪوشش ڪئي. ڪجهه وقت کان پوءِ راجڪماريءَ کي هوش آيو. ت کان راجا پڇيو، ''توکي ڇا گهرجي؟' جت چيو، ''مونکي ماري گهرجي تڏهن مان خوش ٿيندس. هن جي مونسان شادي و.'' راجا جت جو ويچار ٻڌي غصي ۾ لال ٿي ويو. غصي ۾ هن جت اڙو گهٽ وڌ ڳالهايو. جت سڀ ٻڌندو رهيو. هن فقط ائين چيو،

امان ٻڌائيندي هئي
بابت هڪ رايو

ليکڪ شري ڪوتومل ٻي. واڌواڻيءَ جو ڇپريون شايع ٿيل ڪتاب **'امان ٻڌائيندي هئي....'** ملندي ئي پڙهڻ شروع ڪيم. ڇپرينءَ ئي ٻينڪ ۾ ڇڱيون ئي رچنائون پڙهي پوريون ڪيم. ٻارن جي لحاظ کان سليس-سرل ٻوليءَ ۾ لکيل هي ننڍيون آکاڻيون ڪافي نصيحت آميز ۽ دلچسپ لڳيون.

اهي وڏا ئي آهن جيڪي ترڪ ڪندا آهن، دليل ڪندا آهن ۽ آسانيءَ سان چمتڪارن-ڪرشمن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندا آهن، پر معصوم ٻار ته امڙ جي واتان نڪتل وچنن کي سورهن آنا سچ ڪري سويڪار ڪندا آهن. هي آکاڻيون ٻارن جي ڪومل هرديه تي اُڪرجي وڃن اهڙي توفيق رکن ٿيون.

مان ليکڪ جي ياداشت کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان جو هن ننڍپڻ ۾ پنهنجي امڙ جي واتان ٻڌل آکاڻين کي پنهنجي ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ سانڍي رکيو آهي ۽ عمر جي ستين ڏهاڪي ۾ پهچڻ کانپوءِ ٻه اهي وساريون ڪونه اٿائين بلڪ اهڙين ٻين وڻندڙ آکاڻين جي ٻن ٻين مجموعن جي اشاعت ڪرڻ جو اعلان ڪيو اٿس.

ليکڪ جي امڙ جڻ منهنجي ٻه امڙ هئي. هو واقعي ئي هڪ نيڪ، آدرش، خوددار ۽ ڌرمشت عورت هئي جنهن پنهنجي سنتان ۾ سٺن سنسڪارن جو سنچار ڪيو جنهن جو تاثير مان سندس، سيني ٻارن ۾ خواه انهن جي ٻه ٻارن ۾ ڏسان ٿو. شال هن ديوي جي آسيس ۽ ڪرپا جو هٿ هميشه سندن مٿان رهي!

ٻلرام ڇهاڻي

امان چيو، ''جيڪي عقيدو رکن ٿا ۽ تڪليفن کي منهن ڏين ٿا اُنهن کي ايشور به مدد ڪري ٿو. توهان به بارو سخت محنت ڪريو ته منزل تي پهچندا ۽ ته دکن پنيان سک اچڻا آهن. توهان ۾ منهنجون اُميدون آهن ته توهان دک دور ڪندا.'' امان جو پرماتما ۾ گهڻو وشواس هو. دک ۾ به مسڪرائيندي هئي.

قلم تازو : دک ڏاڍا هئا. پتا نه هو. مانا پورهيو ڪندي هئي ۽ مان ڪيتريون شيون وڪڻندو هوس. هوتا تي نوڪري، مِل ۾ نوڪري ڪيم. ماستري ڪيم. امان ڏاڍو خوش هئي ۽ چيائين ته منهنجا غم لٿا. BA. B.Ed ڪيم. امان چيو، ''پٽ، منهنجي جيئري يا مئي ڪان پوءِ به اها ماستري نه ڇڏج ڇاڪاڻ ته اِها سروس پويتر آهي. تون ڀاڳن وارو آهين جو جنهن اسڪول ۾ پڙهيو آهين اُن اسڪول ۾ ماستر آهين. مان ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاير سيڪنڊري اسڪول مان رٽاير ٿيس.مون اُهو قول بخوبي پورو ڪيو.

”توهان پنهنجي قول تي پورا رهو. توهان چيو-توکي خوش کندس
مان خوش تڏهن ٿيندس جڏهن توهان مونکي راجڪماريءَ سان شاد
ڪرائيندا.“ راجڪماريءَ چيو ته، ”هن نوجوان منهنجي جان بچائ
آهي. توهان هن نوجوان کي چيو هو ته، جيڪو راجڪماريءَ کي بچائين
مان اُن کي خوش ڪندس. توهان کي هن نوجوان کي خوش ڪ
گهرجي. منهنجي نصيب ۾ هي پتي لکيل هوندو. مان ست ڪري م
لاءِ تيار آهيان. هن نوجوان مونکي جيئدان ڏنو آهي ۽ پنهنجي ج
جي بازي لڳائي آهي. مان اهڙي هند ڦاٿي هئس جتان نڪرڻ ڏ
محال هو. مان تري به سگهندي آهيان پر مان اهڙي اوڙاهه ۾ و
ڦاٿس. پوءِ مونکي ڪجهه به هوش نه رهيو. تنهنڪري پتا جي تو
مونکي هن سان شادي ڪرايو توهان پنهنجو قول پاڙيو.“

راجا پنهنجو قول پاڙيو. هن جت سان راجڪماريءَ کي شادي ڪرائ
جت خوش هو. جت سماج خوش هئي. پرجا راجا جي واهه! واهه! ڪ
راجا هن کي پوري ٽريننگ ڏني ۽ راجا جا ڪهڙا فرض آهن اُهو هن
ٻڌايو. هي بهادر هو. ڄاڻو هو. هن ۾ خوبين جو وڪاس ٿيو. راجا
کي پنهنجي جيئري ديش جون واڳون ڏنيون. هن کي راڄ تلڪ ڏي
راجا بڻايو. هڪ جت راجا بڻجي ويو. ڏسو قادر جي قدرت. رنگيءَ
رنگ.

امان چيو ته، ”ڏنو پارو، وڌاتا جا انگ، ايشور جي ليلا کي سمج
ڏاڍو ڏکيو آهي.“

ايشور ڪهڙا ڪهڙا ٿو رنگ رچائي ؟
ڪهڙا ڪهڙا ٿو ليک بڻائي؟
هن جي ليلا آهي اپار
جنهن جو نه آهي انت نه پار
ڪيئن ٿو ڪڪاپتيءَ کي لکاپتي بڻائي؟
ڪيئن ٿو رنڪ کي راجا بڻائي؟
ڪيئن ٿو جت کي راجڪماريءَ سان پرڻائي؟

ايشور کي ياد پيو ڪري. ٽاڪوڙا پيو هڻي. هيڏو وڏو سمنڊ. تارو ته ڪونه هو. ايشور کي پيو ٻاڏائي. پريوءَ ٻڌي هن جي پڪار. ڪم ڪيو پريوءَ هن جو ساڪار. جنهن طرف هي وڃي رهيو هو اُن طرف هڪ جهاز وڃي رهيو هو. جهاز جي ڪپتان ڏٺو ته هڪ جوان ٽاڪوڙا هڻي رهيو آهي هن کي بچائڻ گهرجي. هو جهاز کي تڪڙو تڪڙو پرسان ڪٽي آيو. هن کي جهاز ۾ چاڙهيو. ڇوڪري کي پيٽ ۾ ساهه پيو. ايشور ڪيئن تو پريمين جا ڪارج راس ڪري. هن ڪان ماڻهن حال احوال ٻڇيو. هن سموري ڳالهه ڪري ٻڌائي. جهاز ۾ وينل ماڻهن چيو ته ”پئسن جي لالچ ڪري پاءُ پاءُ جو بليدان ڏنو. پاءُ ڪهڙو نه نردئي جئبو.“

جهاز ٻئي ديش ۾ پهچي ويو. جهاز ۾ هڪ جوان ڇوڪري هئي. هن جي نظر هن جوان تي پيئي. جوان سهڻو، ناهوڪو ۽ نمرتا وارو هو. هوءَ جوان تي موهت ٿي پيئي. هن پنهنجي ملڪ پهچي هن سان شادي ڪئي. هو ڏاڍو موج مزي ۾ زندگي گذارڻ لڳا. سالن جا سال گذري ويا. هنن کي هڪ پٽ ڄائو.

ماءَ هن کي ياد ڪري اکين مان ڳوڙها ڳاري رهي هئي. ماءُ جي ممتا نرالي آهي. پيار ۽ صدق واري آهي. ڇوڪري کي به ماءُ جي اُڪير ستائي رهي هئي. هن زال کي شهر جو نالو ۽ ديش جو نالو ٻڌايو، هوءَ تيار ٿي. پيڪي گهر ۾ ڪيترو وقت رهبو. ساهرو گهر منهنجو اصلي گهر آهي. اُتي وڃڻ ئي گهرجي. هن مائٽن ڪان موڪل ورتي. هو پڻ خوش ٿيا.

ڪيتري وقت ڪان پوءِ ڳولهيندي ڳولهيندي پنهنجي گهر پهتا. پٽ ماءُ کي پيري پيو. ننهن سس کي پيري پيئي. ماءُ پٽ، ننهن ۽ پوٽي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. خوشيءَ ۾ هن جي اکين مان آنسو وهڻ لڳا. هوءَ ڀڳوان جا لک شڪرانا مڃڻ لڳي. هوءَ ڀڳوان کي هر روز ياد ڪندي رهي ۽ پرارٿنا ڪندي هئي.

پاءُ ڏاڍو پشيمان ٿيو. هن پاءُ کي سڪ مان ڀاڪر پائي خوب رُنو. ڏي پاءُ چيو، ”مان ڌن دولت جي لالچ ۾ اچي ويس ۽ پاءُ کي سمنڊ ۾

جن کي ايشور جو آسرو
تن کي لهر نکو لوڏو

هڪڙا ٻه ڀائر هئا. ولايت ۾ ڪمائڻ ويا. ڪجهه سالن کان پوءِ ڪما
گهر واپس ٻيڙيءَ ۾ پئي آيا. ٻيڙيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو چڙهيل ه
وچ سير تي ٻيڙي ٻڏڻ لڳي. ٻيڙيءَ واري چيو، ”ٻيڙي ٻڏندي ته
ماڻهو ٻڏندا. ٻيڙيءَ ۾ وزن وڌيل آهي. توهان مان ڪو قرباني ڏيندو
سيني جي جان بچندي.“ ڪوبه تيار نه ٿيو. هن وري چيو، ”هن قربا
جي عيوض اُن جي مائٽن کي چڱي رقم ڏني ويندي.“

ٻه ڀائر جنهن ۾ هڪ ننڍو هو ۽ ٻيو وڏو. وڏو شادي ڪيل هو. ڪيس
ٻار هئا. هن سوچيو ته چڱي رقم ملندي.هن چيو، ”منهنجي ننڍي
کي ڀلي اُڇلايو.“ ننڍي ڀاءُ ڪوبه اعتراض نه ورتو. ننڍي ڀاءُ ايشور
ياد ڪيو. ”تون ئي هيڻن جو همراه آهين. تون پار اُڪارڻ وارو آهي
مونکي تنهنجو آهي آڌار، ڪج پريو منهنجو ٻيڙو پار. ڀو ساگر مان ڌ
پار اُڪرائڻ وارو آهين. تون ٻالڪ تي ديا درشٽي ڪرڻ وارو آهين
جئه شري ڪرشن، جئه شري ڪرشن چئي ٻالڪ سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو.

ڏسو قادر جي قدرت، رنگيءَ جا رنگ. مارڻ واري کان بچا
وارو وڏو آهي. چوندا آهن، ”ايشور کي ياد ڪريو ته هو
لاءِ تيار آهي. سڪ پريو کو سڏ ڪري ته هو مدد لاءِ تيار.
سڪ هجي سچي.“

پريو تنهنجي ليلا آهي اپار
جي چاهين ته ڪن ۾ ڪرين ٻيڙو پار
جن جن ايشور تي ڀاڙيو آهي
ٻيڙو پريوءَ تن جو تاريو آهي.
جيڪي پريوءَ ۾ آس رکن ٿا.
ڪارج تن جا راس ٿين ٿا.

ساچ جي ڪمائي
ساچ تي صاحب راضي

هڪ ڪانير هو. هو جهنگل مان ڪانيون ڪٽي وڪڻندو هو. هو هرروز آنو ڪمائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻہ آنايا چار آنا ڪمائيندو هو. پتي-پتني خوش گذاريندا هئا. هي هرروز ايشور کي آراڌنا ڪندا هئا. رات جو سمهڻ وقت ايشور کي ياد ڪندا هئا. سنتوش ۾ زندگي گذاريندا هئا، هن جي استري ڌرماتما هوندي هئي. ڪجهہ بچت ڪري دان ٻہ ڪندي هئي. ايشور جي ڪئي تي راضي رهندي هئي.

هڪ ڏينهن ڪانير جهنگل مان ڪانيون ڪٽي مٿي تي رکي اچي رهيو هو تہ رستي تي هن کي چمڪندڙ شيءِ ڏسڻ ۾ آئي. هن ڪانين جي ڀري هيٺ لاٿي. ڏٺائين تہ روپيو آهي. روپيہ معنيٰ سورهن آنا. هي ڏاڍو خوش ٿيو. هن پربوءِ جا شڪرانا مڃيا. ڪانيون وڪڻي هو گهر آيو. ...و ڏاڍو خوش هو. پتنيءَ چيو ، ”اڄ ڏاڍا خوش نظر اچي رهيا آهيو ...و؟“ ڪانير پتنيءَ کي ٻڌايو تہ، ”اڄ روپيو لڌو آهي. جهنگل جي ...ستي تان لڌو اٿم تنهنڪري خوش نظر اچي رهيو آهيان.“ پتنيءَ ...يو، ”توهان کي خوش ڏسي مون ائين سمجهيو تہ اڄ چڻ سوَ روپيہ ڪمائي آيا آهيو پر توهان هڪ روپيو لڌو آهي جيڪو سچي ڪمائيءَ ...و نہ آهي. اِها پرائي امانت آهي. مان محنت جي ڪمائيءَ مان ...وش، آهيان. اسان کي جاچ ڪرڻ گهرجي تہ روپيو ڪنهن جو آهي؟ ...يءَ ڌرتيءَ جي امانت آهي. هن کي سنڀالي رکندس جيسين هن جو ...لڪ اچي.“

رات جو ٻئي پتي پتني سمهيا. پتيءَ کي رات جو پوري ننڊ نہ آئي. ... سوچيندو رهيو. هيءَ چوري تہ نہ آهي. ايشور ڏنو آهي. اسانجي ...يبي ڏسي روپيو ڏنو آهي . نہ تہ جهنگل ۾ روپيو ڪٿان ايندو. هن ...ي اندر ۾ آنڌ-مانڌ هئي. گهڻي سوچ ويچار ڪان پوءِ آخر اُن نتيجي

اُڇلائي ڇڏيم. مونکي معاف ڪر.'' ائين چئي زور زور سان روئڻ لڳو،
هن جي پاڇائي، ڏير، ڏيراڻي ۽ ڏيروٽ کي ڏسي خوش ٿي ۽ ٻار ٻه
ننڍڙو ٻار. چاچو ۽ چاچي ڏسي خوش ٿيا.

نندي پاڻ چيو، ''ڪنهن جو ڏوهه نه آهي. قسمت ۾ ائين لکيل هوندو.
پريوءَ کي ائين منظور هوندو. توهان مونکي سمنڊ ۾ ڦٽي نه ڪريو ها ته
هيءَ ڙال مونکي نه ملي ها. منهنجي نصيب ۾ هيءَ ڙال لکيل هئي.
ايشور جي ڪئي تي راضي رهڻ گهرجي. گهر ۾ آنند منگل ٿيا.

ايشور ڪيئن تو رنگ رچائي
ڪيئن ٿو وڇڙيل ملائي

امان چيو، ''لالچ ڪرڻ نه گهرجي. چوندا آهن، 'لالچ بري بلا آهي.'
لالچ رکڻ سان ٻڌي موڪلائي ويندي آهي. ماءُ جي ممتا نرالي آهي
ماءُ جي مٽ ٻيو ڪجهه به نه آهي. ماءُ پيءُ جي شيوا ڪرڻ گهرجي.
ايشور کي هر روز پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ۽ نام سمرن ڪجي. نام سمرڻ
۾ وڏي شڪتي آهي. رات جو سمهڻ کان اڳ ضروري نام سمرن ڪجي
۽ صبح جو اُٿڻ وقت نام سمرن ڪجي ته ايشور جي مهر ٿيندي ۽ ڏينهن
سٺو گذرندو.''

هلڪو ٿيو آهي.'' پرديسي چيو، ''مان توهان جي اهڙي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. مونکي توهان جي سموري ڳالهه جي خبر آهي. مونکي توهان جي سنتوش جي سچي خبر آهي.'' پرديسي روپيه نه اُتي رکي هليو ويو پر هڪ ڳوٿري به رکي هليو ويو. ڏسندي ڏسندي هو انترڌيان ٿي ويو. پٽي-پٽني وائڙا ٿي ويا. ڳوٿريءَ ۾ هنن ڏٺو ته سؤ روپيه هئا. تڏهن ته چوندا آهن ته سچ تي صاحب راضي.

امان چيو، ''پرائي شيءِ کي هٿ نه لائجي. رستي تان به نه کڻجي. اسان جو حق نه آهي اها به اڻ سڌي نموني چوري آهي. سچي محنت ڪرڻ سان سٺي نموني آرام سان ننڊ ايندي آهي. سچ جي راه تي هلڻ ۾ آنند آهي. پريو پڻ مدد ڪندو آهي. چوري ڪرڻ نه گهرجي. ٻئي جو مال به ڦٻائڻ نه گهرجي. سچ جي راه تي هلندا ته ايشور پڪ ئي پڪ توهان جي مدد ڪندو. محنت ڪندا ته ڦل ضرور ملندو. ڏسو ايشور هنن کي گهر ۾ مدد ڪري ويو. ايشور ڏيندو آهي ڪنهن جي هٿان پر پنهنجو نالو نه ڪندو آهي.''

تي پهتو تہ محنت جي ڪمائي تہ نہ آهي. پتني برابر چئي رهي هئ
مونکي پتنيءَ سان سهمت ٿيڻ گهرجي. اُن جي مالڪ جي ڳولها ڪ
گهرجي. ڳوٺ نندو آهي خبر پئجي ويندي. اها ڳالهہ پڪ ڪري سم
پيو. ڪيس گهري ننڊ اچي ويئي.

صبح جو هن جي پتنيءَ هن کي اُٿاريو. هن پتنيءَ سان سموري ڳا
ڪئي. چيو، ”هيءَ محنت جي ڪمائي نہ آهي. اسين هي روپيہ اما
طور رکون ٿا. جڏهن هن جو مالڪ ملندو اُن کي ڏينداسون.“ پتني
جو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي. هو تيار ٿي ڪانيون ڪٽڻ لاءِ گهر
نڪتو. هي جهنگل جي رستي تي آيو تہ هن هڪ پرديسي ڏٺو جيڪو
ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هو ڪجهہ ڳولهي رهيو هو. هو هيٺ جهڪي ڏ
رهيو هو. ڪانير اُن پرديسيءَ کان پڇيو، ”ڇا ڳولهي رهيو آهين؟
هن چيو، ”ڪالهہ هن رستي تان لنگهيس تہ روپئي جو سڪو ڪ
ڪري پيو. اُهو سڪو ڳولهي رهيو آهيان. تون بہ جيڪر مدد ڪرين
ملي وڃي. ڪانئين مان تون جيترو ڪمائيندو آهين اوترو مان توک
ڏيندس. جيڪڏهن سڪو نہ مليو تڏهن بہ مان توکي اوترو ڏيندس.
مدد ڪر پڳوان تنهنجي ڀلي ڪندو.“

ڪانير سوچيو، ”ماڻهو تہ ملي ويو، هن کي ٻڌائڻ گهرجي. ويچا
غمگين لڳي ٿو.“ ڪنهن مهل سڪو گم ٿيو؟ هن وقت ٻڌايو. اُن ڳال
مان بہ هن کي پڪ ٿي تہ سڪو هن جو آهي. هن کي ٻڌايو تہ، ”س
ڪالهہ مون لڌو آهي. منهنجي گهر پيو آهي. هل تہ توکي ڏيان.“ پرديس
اُهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، هن سان گڏ گهر آيو. هن جي زال سڪو ڪ
آئي. سڪو هن پرديسيءَ کي ڏنو. ٻئي زال مڙس ڏاڍو خوش ٿيا. پرديس
هنن کي چار آنا انعام طور ڏنا پر هنن انعام وٺڻ کان نابري واري. هن
چيو، ”اسان پنهنجو فرض پاليو آهي. اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي آه
جو ڌرتيءَ جي مليل امانت اسان واپس ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان
ملو ها تہ اسان کي چئن تڏهن اچي ها جڏهن اُن جو مالڪ ملي ه
هاڻي اسان سڃي نموني سنتوشي ننڊ ڪري سگهنداسين. اسان تان

امان چيو، ”ٻارو، ايشور ۾ اٽل وشواس رکو. توهان جا ڏکيا ڪم به ايشور پورا ڪندو. اسين سڀ پرماتما جي اولاد آهيون. پرماتما کي اولاد پياري آهي. ڏک سک اسان جي ڪرمن جو ڦل آهي. سٺا ڪرم ڪرڻ گهرجن. خراب ڪمن کان پاسو ڪرڻ گهرجي. محنت ڪرڻ گهرجي. ڦل ايشور ڏيندو.“

پرڀوءَ جي مهما آهي اپار

ڀارت آزاد ٿيو. اسين احمدآباد ۾ آياسين. احمدآباد ۾ سابرمتيءَ اچي رهياسين. اُن وقت سيڌو سامان راشن ڪارڊ تي ملندو هو. بازار ما ملندو هو تہ ڏاڍو مهانگو ملندو هو. دڪاندارن کي پرمٽ هوندي هئي اُن موجب اناج رکي سگهندا هئا. راشن ڪارڊ هوندا هئا. گهر جي ڀاتي موجب اناج ملندو هو.

احمدآباد ۾ جگننات جو مندر آهي. جگننات جي مندر ۾ ذات-پاد غريب- شاهوڪار جي ڀيد ڀاو کانسواءِ ڪير بہ ايندو هو تہ ڀوڄن ڪرائيند هئا. رات ڏينهن ڀنڊارو چالو رهندو هو. هيترو اناج مندر ۾ ڪٿان اچي جو مندر ۾ سيني کي کارايو ٿو وڃي؟ راشن آفيسر جو اُن ڳال ڌانهن ڪنهن ڌيان ڇڪايو.

آفيسر جگننات جي مندر ۾ ماڻهو موڪليا. جن گدام ڏٺو تہ اناج داليون وغيره ڪونهن. در جي چير ۾ پيا ڏسن تہ ٻاٽاٽي ڪان ٻاه ٻوٽين جا ڍڳ آهن. وائڙا ٿي ويا. هنن آفيسر کي سموري ڳالهہ ڪئي

آفيسر خود سرزمين تي آيو. هو مهنت سان مليو.هن کيس ٻڌاي "ڪير ٿو ڏئي. ڪير ٿو کائي اسان کي خبر نہ آهي؟ گدام کولي هل ڏسو تہ توهان کي خبر پوي." آفيسر چير مان ڏٺو، ٻوٽين جا انبار آهن هن در کولارايو. ڏسن تہ ڪاريءَ وارا ڪک. هو حيرت ۾ پئجي ويو. ور در بند ڪري چير مان ڏٺو تہ ساڳي حالت. آفيسر مهنت جي چرنن ت ڪري پيو. مهنت هن کي چيو، "ڪير ڏيئي ويندو آهي؟ ڪير کائيند آهن؟ اسان کي خبر نہ آهي. پرڀو ڏئي بہ پاڻ تہ کارائي بہ پاڻ ايشور ر رنگ نرالا آهن. اسين تہ شيواڌاري آهيون."

ڳالهه ڏيان ۾ رکجانءِ.'' مُکيءَ اُن ماڻھوءَ کي به نياپو موڪليو ۽ سياڻي پئنچات ۾ اچڻ لاءِ چيو. پنج پئنچ ۽ ڇهون مکي. ٻئي ڄڻا ٻئي ڏينهن تي آيا. مُکي اوڌر وٺندڙ ماڻھوءَ کان پڇيو. هو الي ويو. هن چيو، ''مون نکو پئسا ورتا آهن نکو لکي ڏنو آهي.'' شاهوڪار چيو، ''مکي صاحب، هي ڪوڙ ٿو ڳالهائي هن مونکان سؤ روپيه ورتا هئا ۽ ٽن مهنن کان پوءِ سؤ هڪ ڪري ڏيڻ وارو هو. پر هن پنوئي ڦاڙي ڇڏيو. توهان فيصلو ڪريو.'' يڪدم اُن ماڻھوءَ چيو، ''مُکي صاحب، هي ڪوڙو، ڪوڙي جو پٽ. ڪوڙ ٿو ڳالهائي شرم نٿو اچيس. مون ڏهه روپيه ورتا هئا ۽ يارهن روپيه لکي ڏنا هئا.'' سيني ويٺلن پئنچن کان ٺهڪ نڪري ويو ۽ سڀ کلڻ لڳا. سچ ثابت ٿي ويو. سيني مُکي صاحب کي آفرين ڏنو. مکي صاحب فيصلو ڪيو. ''ٽن ڏينهن جي اندر هن شاهوڪار کي ٻارهن روپيه ڏجانءِ. هڪ روپيه توتي ڏنڊ آهي. تو ڪوڙ ڳالهايو آهي. سچيار شاهوڪار کي تو غلط لفظ ڳالهايا آهن. اُن لاءِ توکي هن کي پيري پيئي معافي وٺڻي آهي.'' هن پيري پئي شاهوڪار کان معافي ورتي. شاهوڪار هن کي ياکر پاتو معافي ڏني. اُن ماڻھوءَ شاهوڪار کي ٽن ڏينهن جي اندر ٻارهن روپيه ڏيئي ڇڏيا.

اماں چيو، ''اڳي مُکي اهڙا فيصلا ڪندا هئا. دوڌ کا دوڌ پاني کا پاني.'' اسان چيو ، ''امان مکيءَ انڪل ڪري ڪيئن سچ چوايو.'' امان چيو، '' سچ زبان مان نڪري ويندو آهي. چوندا آهن ته، سچ ته بيٺو نچ. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ. سچ تي صاحب (پرماتما) راضي. سچ کي طاقت آهي. انڪري هميشه سچ ڳالهائڻ گهرجي. ٻئي سان ٺڳي ڪرڻ نه گهرجي.''

سچي ڪا بول بالا
جوٺي ڪا مذهن ڪالا

هڪ شاهوڪار هو. غريب ۽ گهرجائن کي رقم اُڌاري ڏيندو هو. اُنو
ڪان وياج وٺندو هو. وياج واجبي وٺندو هو. ڪڏهن ته ڪن غريب
ڪان وياج نه به وٺندو هو جنهن ڪري هن جي ساک سٺي هئي. ڪ
ماڻهو هن وٽ ڏراوت رکي ويندا هئا. اُنهن کي وياج ڏيندو هو. وي
گهٽ ڏيندو هو. اُنهن جي امانت وقت سر اُنهن کي ڏيندو هو. هن
سچي ڳوٺ ۾ نالو هو. هو موقعي جو فائدو نه وٺندو هو. ڏاڍو نيڪ انس
هو.

هيءَ اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن گهر جو گاڏو ڏهين روپئي
هلندو هو. گهر جا چار پنج ڀاتي ڏهين روپئي ۾ سٺو گذارو ڪري سگهند
هئا. هڪ ماڻهو شاهوڪار ڪان ڏه روپيه اُڌارا وٺي ويو. هن چيو ته هو ڏ
منهن ڪان پوءِ ڏه روپيه واپس ڪندو. ٽن مهنن ڪان پوءِ ڏهن روپين ج
بدران يارهن روپيه ڏيندو. هن پني تي صحي ڪري ڏني ۽ پئسا وٺ
هليو ويو.

ٽن مهنن ڪان پوءِ آيو. هن صحي ڪيل پنو گهريو. شاهوڪار هن ک
پنو ڏنو. هن ڦڙتيءَ سان پني کي ٽڪريون ڪري ڇڏيون. ايترير
ٽڪريون ڪري ڇڏيون جو پڙهي به نه سگهجن ۽ چيو، رام رام مان هلا
ٿو. نه هوگا بانس نه بجيگي بنسري. شاهوڪار وٽ ثبوت نه هو اگر ثبو
هو ته ٽڪريون پر اُهي پڙهڻ ۾ ئي نه اچن.

اُنهن ڏينهن ۾ ڪورٽون نه هيون. پئنچائتون هيون. پئنچ فيص
ڪندا هئا. مکي هوندو هو اُن جي فيصلي کي مڃيو ويندو هو. ڪي
تڪرار يا جهڳڙا ٿيندا هئا ته پئنچات حل ڪندي هئي. مکيءَ وٽ شاهوڪ
آيو ۽ سموري ڳالهه ڪئي. مکي ۽ پئنچن سموري ڳالهه ٻڌي. مکي
شاهوڪار کي ڪن ۾ ڪجهه ٻڌايو ۽ چيو، ”سياڻي اچج ۽ ڪن وار

سورهن آنا سچي آهي.

هنن سوچيو، ''هينئر نہ ڪرڻ واجب نہ آهي. جهڙي سان تي تهڙو اڄ آهي زمانو اهڙو.'' هنن بہ ساڪ ننڍيءَ جا ڪيا. جيڪا گهڻ ٻڌيءَ واري، سهڻي هئي ۽ ٻِتي بہ هئي. جيڪڏهن هو گهوٽ ٽا بدلائين تہ اسان ڪنوار ٽا بدلايون. اسانجي ٻتي ڇوڪري اگهامي ويندي. گهڻ عقل واري آهي. گهر جو ڪم ڪار گهڻ چاٽي ۽ ڍلي آهي. سادي سودي آهي. شايد ياٻ ر اِهو گهوٽ لڪيل هوندس. ڇو جو ليک کي وڏي طاقت آهي. هنن صبر ڪيو.

گهوٽ پرڻجڻ لاءِ آيو. سنڌ ۾ ڪنوار جو منهن ڍڪيل هوندو هو. شاديءَ وقت منهن بلڪل بند هوندو هو. ڪن زالن ڇوڪريءَ جو منهن ڏٺو. هنن ڏٺو تہ ڇوڪري بدليل آهي پر صبر ۾ رهيا چاڪاڻ تہ، ڏوهہ هنن جو آهي. ڇوڪرو هنن بدلايو آهي جنهن ڪري شانت رهڻ بهتر آهي. عزت هنن جي ويندي. هنن ڏٺو تہ ڇوڪري سهڻي آهي. هنن کي اها خبر نہ پئي تہ ڇوڪري ٻتي آهي. گهڻ عقل واري آهي. سادي آهي. گهرو ڪم گهڻ چاٽي.

شادي ڏام ڏوم سان پوري ٿي. ڪنهن بہ ڪجهہ بہ نہ چيو. ٻئي ڌريون خوش هيون. گهوٽيتن جي ڪنواريتن عزت سئي ڪئي. گهوٽيتا خوش هئا. هو اندر ۾ چئي رهيا هئا تہ، ''عزت بچي. ڪنواريتن ڪجهہ بہ نہ چيو.'' گهوٽيتا خوش ٿي ڪنوار وٺي گهر آيا.

گهر ۾ ساڪ سوڻ ڪيا ويا. ڪنوار کان نالو پڇيائون. ڪنوار نالو ٻڌايو رُتي (رڪي). رڪيءَ کي هن رتي چيو. ٻيا بہ هن کان ڪيترا سوال پڇيا ويا جن جا جواب هن ڏنا. هنن کي خبر پيئي تہ ڪنوار ٻتي آهي. اُچار پورا برابر ڪري نٿي سگهي. عقل بہ گهڻ ائس پر شانت رهيا. صبر ۾ سهي ويا. ڏوهہ هنن جو هو. دغا هنن ڪئي هئي. دغا جو ڦل هنن کي پوڻو آهي. ڪُڇن ٽا تہ سماج ۾ بي عزتي هنن جي ٿيندي. سنڌ ۾ ماڻهو سماج کان ڏڪندا هئا. پئنچائتن جو زور هو. مُکيءَ جي پئنچات ۾ سئي هلندي هئي. ماڻهو پئنچات کان ڏڪندا هئا. ڪيترا

ڏيڪاري ڏيئو ۽ پرڻايائون پنجوءَ سان
جهڙي سان تي تهڙو اڄ آهي زمانو اهڙو

هڪ ڳوٺ ۾ هڪ وچولي درجي جو ڪٽنب رهندو هو. هن کي ٻه پٽ
هئا. وڏي جو نالو هو ڏيئو ۽ ننڍي جو نالو هو پنجو. ڏيئو شڪل شبيه ج
سٺو، قُڏت، ڪمائڻ ۾ هوشيار ۽ ڪلمڪ هو. پنجو شڪل جو نيڪ، گهٽ
پڙهيل ۽ ساڌارڻ ٻڌيءَ وارو.

ٻئي ڳوٺ ۾ به هڪ وچولي درجي جو ڪٽنب هو. هن کي به ڌيئ
هيون. هڪ جو نالو هو سندري ۽ ٻيءَ جو نالو هو رُڪي. سندري وڏي
هئي. هوءَ سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت واري هئي. ڪلمڪ، وڻندڙ
گهرو ڪم ۾ هوشيار. ٻي ڌيءَ رڪي. شڪل جي سهڻي، ٻاتي،سادي
سودي، گهرو ڪم ۾ هوشيار گهٽ، پڙهيل گهٽ، ٻڌي گهٽ ۽ عقل گهٽ
هوس.

ڏيئوءَ جي مائٽي سندريءَ سان هلي. ٻنهي ڌرين ٻار ڏٺا. ٻار وڻيا.
مڱڻي ٿي ٻئي ڌريون خوش هيون. چاڪاڻ ته جوڙي سٺي هئي
سندريءَ ٻڌو ته گهوٽ سهڻو ۽ ٺاهوڪو آهي. هوءَ خوش هئي. اڃ
ڇوڪري کي ڇوڪري نه ڏيکاريندا هئا. يعني ٻئي هڪ ٻئي کي ن
ڏسندا هئا.

ڪجهه مهنن ڪان پوءِ شاديءَ جي تاريخ مقرر ٿي. اڃي ڇوڪرو پرڻج
ويندو هو. ڄڃ نڪرندي هئي. گهوٽيتن جي اندر ۾ دغا پيدا ٿي. هن
ڪان سمجهه موڪلائي ويئي. هو غلط ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. هنن سا
ڏيئوءَ جي بدران پنجوءَ جا ڪيا. گهوٽ پنجوءَ کي بڻايو ويو، اِها خب
ڪن کي پيئي. هڪ ماڻهو اُن ڳوٺ جو ڪنواريتن جي ڳوٺ ۾ آيو. هن
ڪنواريتن کي ٻڌايو ته، ”گهوٽ بدلجي ويو آهي. سانُ وڏي پٽ جي
بدران ننڍي پٽ جا ٿيا آهن. گهوٽ پرڻجڻ لاءِ ننڍو ايندو.“ هو اُه
ٻڌي وائڙا ٿي ويا. وري به هنن جاچ ڪرائي. خبر پين ته اِها ڳال

ڌيءَ دلگير نہ ٿيءُ، توکي گھوٽ وٺي ڏينداسين شهزادو. تون سھڻي
ورت ۽ سھڻي سيرت واري آهين. هر ڪنهن ڪم ۾ هوشيار. تنهنجي
نہ ڇوڪرن جي لائين لڳندي. چنتا نہ ڪر. شايد ڀاڳ ۾ ائين لکيل
ندو. گھوٽيتن ڪم غلط ڪيو آهي پر اسان جي بہ ٻئي ڇوڪري
هامي ويئي. تون شانت ڪر. ايشور تي رک. ايشور ديالو آهي. ضرور
ا ڪندو. اُن جاوڙ وڏا آهن. وڌاتا تنهنجو ليک لکي ڇڏيو آهي. روءُ
چنتا نہ ڪر.'' ماءُ ڌيءَ کي پرچايو ۽ سمجھايو. سندريءَ ماءُ کي
و، ''امان، منهنجي لاءِ ٻئي ڇوڪري جي ڳولها نہ ڪجو ۽ ڪنهن کي
ڪجھ بہ نہ چئجو. مان ٻئي ڪنهن سان بہ شادي نہ ڪندس. جيڪڏهن
ندس تہ اُن سان ڪندس جنهن سان منهنجي مڱڻي ٿيل آهي. ٻيءَ
ت ۾ مان ڪنواري رهندس. مان ائين سمجھندس تہ منهنجي نصيب
ھوٽ نہ لکيل آهي. مون کي ايشورکي جپڻ جو سٺو موقعو ملندو.''
ريءَ جي ماءُ خوش ٿي تہ حال شانت ڪيائين پوءِ ڏنو ويندو.
سنڌ ۾ ستاوڙي جو رواج هو. گھوٽ ڪنوار آيا. ڪي مٽ مائٽ آيا
ڻ ۽ سيڻ نہ آيا. ڪنواريتن هنن جو سٺو آدرياءُ ڪيو. ڪنهن کي بہ
ڏوراپو نہ ڏنو. گھوٽيتا خوش هئا. گھوٽ ڪنوار خوش هئا.
ڙڪي جي ماءُ رڪيءَ کي الڳ روم ۾ گھرايو. حال احوال ورتو. رُڪي
کي ٻڌايو. ساهرا سٺا آهن. منهنجي سس تہ ڏاڍي خوش هئي. هوءَ
جي سندر چهري کي ڏسي رهي هئي. هن مونکي ڀاڪر پاتو جڏهن
هن کي پيري پيس. ڀاڪر پائي هن مونکي پمي (چمي) ڏني ۽ ٻئي
ي پيار پريو هٿ گھمايو. ماميءَ چيس تہ، هڪ چمي چو ٿو ڏينس.
بہ ٻئي پاسي ڏينس، ڀاڳن واري آهين جو اهڙي ننهن ملي اٿيئي.
ي بہ پمي (چمي) ڏني ۽ ٽين بہ پمي (چمي) منهنجي نرڙ تي ڏني
بهار تي ويئي. مان بہ خوش هئس. سڄي روم ۾ ٽهڪڙو مچي ويو
يون زالون منهنجي سس سان مسڪري (مشڪري) ڪري رهيون
. هوءَ خوش ٿي رهي هئي. مونکان منهنجو نالو پڇيائون، مون
''رُتي (رڪي)'' بس، سڄو روم ٽهڪڙن سان پرجي ويو. ماڻهن

فيصلا پئنچات ڪندي هئي.

ڪنوار گهوٽ جو مُنهن ڏٺو. ڪنوار خوش هئي. هوءَ سندر تہ هئي ويتر ڪپڙن، زيورن ۽ سينگار ڪري وڌيڪ سندر لڳي رهي هئي. آس-پاس جا ماڻهو آيا. اُنهن ڪنوار ڏٺي. سڀ گهوٽ ماءُ کي واڌايون ڏيئي رهيا هئا. هوءَ واڌايون تہ ورائي رهي هئي پر اندر ۾ خوش نہ هئي ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو هو تہ، اسان جيڪا ڇوڪري ڏٺي هئي اُها ملندي پر ائين نہ ٿيو.

ڇوڪرو ناراض هو. مائٽن ڇوڪري کي سمجهايو. ڇوڪري سٺي آهي. جيڪڏهن ٿوري ٻاتي آهي تہ ڇا ٿي پيو. تون سادو ۽ عقل جو گهٽ آهين. اهڙي ڇوڪري توکي ڪير بہ نہ ڏئي ها. ڇوڪري تہ ڏس ڪهڙي سندر آهي. ڄڻ اپسرا لڳي رهي آهي، ٻِتي آهي تہ ڪهڙو واندو آهي؟ تون جيڪڏهن نہ ڪندين تہ سڄي عمر ڪنوارو رهڻو پوندءِ، ڪوبہ ماڻهو توکي ڇوڪري نہ ڏيندو. اسانجي عزت پڻ مٽيءَ ۾ ملي ويندي. تنهنجو پاءُ جنهن تنهنجي ڪري قرباني ڏني اُهو ڪنوارو رهجي ويندو. تون پاڳن وارو آهين. ڪنوار سٺي اٿيئي. وڃ ڪنوار وٽ. ڪنوار تنهنجي اوسيڙي ۾ ويٺي هوندي. وڃ وڃي موج ماڻ. بخت سٺو اٿيئي. ڪنواريتن پنهنجي ۽ اسانجي عزت رکي آهي. ساهرا بہ اٿيئي سٺا. اهڙا ساهرا ۽ اهڙي ڪنوار پاڳن واري کي ملندي آهي. هنن ڇوڪري کي سمجهايو. ڇوڪرو ڪنوار جي رِوم ۾ جيڪو سينگاريل هو اُن ۾ ويو. هن ڪنوار جي سندرتا جڏهن منهن کولي ڏٺي تہ خوش ٿي ويو. ڪنوار بہ خوش هئي. ٻنهي سهاڳ رات جو آنند ماڻيو.

ڪنواريتا خوش هئا تہ اسان جي ڌيءَ ٻتي هئي، ٻتيءَ لاءِ ڇوڪرو سٺو ۽ ماڻهو سٺا مليا. ڇوڪري عقل جي گهٽ، سادي سودي هئي، اهڙيءَ ڇوڪريءَ لاءِ ور ملڻ مشڪل هو. ايشور اسانجي بہ پت رکي ۽ سيٺن جي بہ پڳوان ٻڏي، شل ٻئي خوش هجن. سندريءَ قرباني تہ ڏني پر هوءَ دکي هئي تہ مون سهاڳ جي رات جو آنند نہ ماڻيو. شادي ڪڏهن ٿيندي؟ هوءَ سوچ ۾ پئجي ويئي. سندريءَ کي چنتا ۾ ٻڏل ڏسي ماڻس چيس،

ڏو غمگين نظر اچي رهيو هو. هو اُتي نه آيو جتي منهنجا سان تي
يا هئا. هو صبح جو به نظر نه آيو. هوگهري سوچ ۾ آهي. هن قرباني
ي آهي ۽ تو به قرباني ڏني آهي. ٻنهي جي قرباني اجائي نه ويندي.
ت ڪر، روءِ نه. تنهنجو روئڻ ڏسي مان خوش رهي نه سگهندس. ڏاهي
روءُ نه.'' سندري روئڻ بند ڪيو ۽ پيءُ کي پاڪر پائي چيو، ''تون
ش رهه تنهنجي ڪري ته مون مڃيو، جهڙي سان ئي تهڙو
آهي زمانو اهڙو. تون هميشه خوش رهين اِها وڏي پيءُ جي
س اٿيئي.''
ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڏيئوءَ پنهنجن مائٽن کي چيو، ''مون کي جلد
دريءَ سان شادي ڪرايو. جيڪڏهن شادي نه ڪرائيندا ته مان آتم
ا ڪندس يا گهر مان هليو ويندس. وري ڪڏهن به گهر نه ايندس.
ان مونکي قربانيءَ جو پتلو بڻايو آهي ته مان قرباني ڏيندس. اُها
اني آهي آتم هتيا.'' هن دل ۾ سوچيو ته اُهو ئي رستو آهي سندريءَ
شادي ڪرڻ جو. مائٽ سندريءَ جي پيڪن ۾ ويندا ۽ سندريءَ جي
ڪندا ته مونکي منهنجي سندري ملندي. سندريءَ جا مائٽ سيٺن
عزت رکندا. سندريءَ کي مونسان شادي ڪرائيندا.
ڏيئوءَ جا ماءُ-پيءُ سيٺن ۾ ويا. پهرين هنن اڳوات سيٺن کي چوائي
ليو ته، ''اسين توهان سان ملڻ لاءِ اچون ٿا.'' سيٺن سوچيو، ''الائي
سيڻ ٿا اچن. شايد ڏوراپو ڏيڻ ايندا. جيڪڏهن ڏوراپو ڏنائون ته
ن به کين چونداسين ته پهرين توهان غلط ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن
جات ۾ وڃڻو پيو ته به ويندا سون.'' سندريءَ به ماءُ پيءُ کي چئي
هو ته، ''مان شادي ڪندس ته اُن سان ڪندس جنهن سان منهنجو
ٽيل آهي، ٻيءَ حالت ۾ ڪنواري رهندس.'' هنن سوچيو، ڏسون
چا ٿا چون. اِها ڳالهه به سيٺن کي چونداسين ته اسين ٻي به ڇوڪري
ن کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.
يڻ آيا. خوش نظر اچي رهيا هئا. ڪنواريتن هنن کي آدر ستڪار
جو ڏاڍا خوش ٿيا. سيڻ چيو ته، ''اسين شرمسار آهيون. اسان تمام

چيو، ”ڪنوار ٻتي آهي.“ مونکان هنن ڪيترائي سوال پڇيا. مون جواب ڏنا. سڀ کلي رهيا هئا. ماڻهن چيو، ”ڪنوار سهڻي آهي پر آهي ٻتي. جهڙي توهان ڪئي تهڙي هنن بہ ڪئي. وري بہ ڇوڪري، ڇوڪري ڪان تہ سٺي آهي.“ وري بہ ماڻهن واڏايون ڏنيون.

منهنجو گهوٽ (گهوٽ) ناراج (ناراض) ٿي اُٿي هليو ويو. منهنجي سس هن کي سمجهايو ۽ چيو، ”ڪنوار سٺي اٿيئي. ٿوري ٻتي آهي تہ ڇا ٿي پيو؟ ٻي ڇوڪري ڪونہ ملندءِ. توکي تہ نہ ملندي پر تنهنجي پاءُ کي بہ نہ ملندي ۽ عزت مٽيءَ ۾ ملي ويندي.“ هن پوءِ مڃيو.

مان روم ۾ هلي ويس. روم سينگاريل هو. ڪجهہ دير ڪان پوءِ آيا. ڏاڍو آنند آيو. هنن منهنجو منهن کولي.......

ماڻس وات تي آڱر رکيس. ”بس وڏيڪ هڪ اکر بہ نہ ڳالهجانءِ ٻئي ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائجانءِ . ڇوري شرم سک، بي عقل. ڪنهن کي بہ اها ڳالهہ نہ ٻڌائبي آهي.“

هوءِ ڀيڻ وٽ ويئي. ڀيڻ هن کان پڇيو. هن ڀيڻ کي چيو، ”امان، مونکي جهليو آهي تہ ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائجانءِ.“ ڀيڻ چيو، ”امان سچ چيو آهي ڪنهن کي ڪجهہ بہ نہ ٻڌائبو آهي. مون کي ٻڌاءِ. ٻئي ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجانءِ. ائين بہ نہ چئجانءِ تہ امان جهليو آهي. جواب نہ ڏيڻو آهي. سمجهہ ۾ آيو.“

هن سمورو سهاڳ جي رات جو احوال ٻڌايو. احوال ٻڌي سندريءَ روئي ڏنو. رڪيءَ چيو، ”امان مونکي جهليو تہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائجانءِ ۽ تون ٻڌي روئي رهي آهين. مون توکي سڀ ڪجهہ ٻڌايو. توهان تہ مونکي زوريءَ تيار ڪرائي سادي (شادي) ڪرائي.“ سندريءَ چيو، ”مان اِن ڪري نہ روئي رهي آهيان. مان پنهنجي ڀاڳ تي روئي رهي آهيان.“ رڪيءَ چيو، ”مون هاڻي سمجهيو“ هوءَ بہ روئڻ لڳي. ٻئي ڀينر هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي روئي رهيون هيون. رڪيءَ ڀيڻ کي چيو، ”تون دل جاءِ ڪر. تنهنجي سادي (شادي) پڪ ئي پڪ منهنجي ڏير سان ٿيندي. دل نہ لاهہ. ايشور ۾ اُميد رک. ڀڳوان ڀلي ڪندو. منهنجو ڏير

يو. بتي اگهامي ويئي، چوندا آهن، ”لکيو ڪين ٽري، لکيو لوهاڻا کوت پڇي چڙي.“

اسان امان کي چيو، ”تنهنجو وشواس ڀڳوان ۾ ڇو آهي؟ اسين دکي آهيون. اسانجو پتا بہ گذاري ويو آهي. تون ڪيچا پاپڙ تي ڪرين. نڊ تي پيهين پوء بہ ڀڳوان کي ٽي مڃين؟“

امان چيو، ”ٻارو، توهان جو پتا گذاري ويو اُن ۾ پرماتما جو ڏوه نہ هي. ان ۾ هن جي اڳئين ڪرمن جو ڦل آهي، مان وڏوا بڻيس. اِهو نهنجي ڪرمن جو ڦل آهي. هيءَ دنيا ڪرم ڀومي آهي. جيڪو ڪندو و ڦل ضرور ڀوڳيندو. هن جنم ۾ يا ايندڙ جنمن ۾ اُن جو حساب ڪتاب ڻو ئي آهي. ٻارو، پرماتما پريمين کي دک ڏيندو آهي. اُن جي رمائش ونندو آهي. توهان ٻار منهنجا دک لاهي ڇڏيندا. مان خوش ٿيان.“

قلم تازو : ماتا کي ايشور ۾ اٽل وشواس هو. هن سک ڏٺا. هوءَ خوش ي، موت جي سڏ هن کي پئجي ويئي. موت جي سيجا تي سمهيل ي ۽ چئي رهي هئي. منهنجي نار وڃي رهي آهي. وري رام رام جئہ ي ڪرشن. جئہ گرديو ائين چوندي چوندي هن جو پران پکيئڙو اُڏامي . موت کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ هن چيو، ”ڪوٺو، مونکي اسپتال مان وني هل. اڄ وني هلندين تہ ماڻهو چوندا تہ ماءُ کي وني آيو آهي. ٿي وني هلندين تہ، ماڻهو چوندا تہ لاش کڻي آيو آهي. سچ پچ ٿيو ئين.“

گھڻو غلط ڪم ڪيو آهي. الائي ڇو اسانجي ٻڌي مارجي ويئي. اسانجي ڪٽنب جي ناموس آهي، اُها ناموس مٽيءَ ۾ ملي وڃي ها. پر توهان اسانجي پت رکي ۽ توهان به ڇوڪري بدلائي ڇڏي. شايد ايشور کي ائين منظور هوندو، وڌاتا جو انگ آهي. چوندا آهن، ''مٽي به ڪو نه ماٽي پر لکي هرڪو ماٽي'' شايد ليک ائين هوندو. ٻنهي ڌرين جي عزت رهجي آئي. هاڻي اسان توهان کي هٿ ٻڌي وينتي ڪري پنهنجي ڀل بخشائي، ڏيئوءَ لاءِ سندريءَ جي ڳُهر ڪريون ٿا، مهرباني ڪري اسانجي وينتيءَ کي مان ڏجو . اسان کي ڏيتي ليتيءَ ۾ ڪجهه به نه گهرجي. اسان کي پنهنجي ڌيءُ ڏيئي اسان تي اُپڪار ڪريو. اسان سندريءَ کي پنهنجي ننهن بڻائي سگهي رهون. توهان مهرباني ڪري نه نه ڪجو. رُڪيءَ ته اسانجي دل جيتي ڇڏي آهي.''

ڪنواريتا اُهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيا. هنن سيٺن جا چرن ڇهيا. سيٺن هڪ ٻئي کي ڀاڪر پاتو. سيٺيون به مليون. ٻئي ڌريون خوش ٿيون. گهوٽيتن ٻڌايو ته، ڏيئو چوي پيو ته، ''شادي ڪندس ته سندريءَ سان ٻيءَ ڪنهن سان به نه. ڀلي حور پري ڇو نه هجي.'' هن وڌيڪ به چيو، جيڪڏهن مونکي اِن سان شادي نه ڪرائيندا ته مان آتم هتيا ڪندس.'' ايترو چئي ٻئي جڻا روئي ويهي رهيا. سيٺن هنن کي شانت ڪرايو ۽ چيو، ''اسان کي سندريءَ به چيو ته، مان شادي ڪندس ته اُن سان ئي جنهن سان منهنجو مٽڻو ٿيل آهي نه ته سڄي عمر ڪنواري رهندس.'' ٻنهي پاسي پريم پڪو آهي. ايشور به هنن جي ٻڌي پڪار. ايشور ئي آهي جو پريمين کي ملائيندو آهي. وري به ٻئي سيٺ ڀاڪر پائي گڏيا هنن جڻ اُن ڏينهن ئي مٽڻي ڪري ڇڏي.

مهورت ڪڍائي جلد ئي شاديءَ تي ويٺا. سندري خوش هئي. خوش هو پنجو. واه! رنگي تنهنجا رنگ تنهنجا رنگ نرالا. سندريءَ جا ماءُ پيءُ خوش هئا. هنن جڻ گنگا جو اشنان ڪيو.

امان چيو، ''ڏنو ٻارو رنگيءَ جا رنگ، ڪهڙا ڪهڙا ٿو رنگ رچائي. سندريءَ جي ليک ۾ جيڪو لکيل هو اُن کي مليو نه ٻنيءَ جو ڀاڳ کلي

تي ايندي آهي. مان توهان کي ڇوڪري ڏيکاريندس ۽ توهان کيس
تي چاڙهي پهچائي وڃجو. ماروئڙا توهان سان پڄي نه سگهندا.
ان عمر ڪوٽ ۾ وڃي اُن سان شادي ڪجو ۽ موج ماڻجو. شادي
دا نه هو ضرور مڃيندا.''
راجا عمر پنهنجو فرض وساري ڇڏيو. هي ملير ۾ آيو. مارئي ساهيڙين
ڏ کوهه تي پاڻي ڀرڻ آئي، هن اُن کي اشاري سان مارئي ڏيکاري.
ئيءَ جي سونهن هن ڏٺي نه هو عجب ۾ پئجي ويو. هن کي راڻيون ته
يتريون ئي هيون پر هن جي سونهن عجيب قسم جي ۽ نرالي هئي.
ا عمر مارئيءَ کان پاڻي گهريو. جيئن ئي هن پاڻي پيئاريو تيئن هن
پاڪر ۾ کڻي اُٺ تي وهاري پهچي ويو. مارئيءَ ڪيتريون ئي رڙيون
ڪا ڪيا پر عمر جي سامهون ڪير وڃي؟ هو وڃي عمر ڪوٽ پهتو.
مارئيءَ کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ته ''مون سان شادي ڪر. توکي
ڻي بڻائيندس. سونا زيور، ريشمي ڪپڙا ۽ ست رشي طعام ملندءِ.
ڪا تي سمهندينءَ.'' مارئيءَ نه ڪئي. راجا هن کي دڙڪا ڏنا پر مارئيءَ
ڪوبه اثر نه ٿيو. مارئي راجا کي چيو، ''مان نه اُچا ڪپڙا پائيندس،
ر سنواريندس نه سونا زيور پائيندس. سهڻو ته ائين آهي ته مونکي
ن ۾ موڪلي ڇڏ. تون راجا آهين مان غريب آهيان. اها ڳالهه سونهين
. تون منهنجو ڀاءُ آهين ۽ مان تنهنجي ڀيڻ آهيان. تون منهنجو
آهين ۽ مان تنهنجي ادي آهيان. مون سان زوري نه ڪر . زوري
ين ته مان مري وينديس پر توسان شادي نه ڪنديس. جنهن ڪري
زوري نه ڪر. مونکي موت جو ڊپ نه آهي. مان لوئي ڪين
نديس. مان جيڪڏهن هت مري وڃان ته منهنجو لاش ملير موڪلجِ.''
ءَ کي دلاسو ڏيندي شاعر چوي ٿو، ''مارئي غمگين نه ٿيءُ، ايشور
واس رک. هو سوين ورهين جا ڏکڙا ٿوري وقت ۾ لاهي ڇڏيندو.''
سان چيو، ''ٻارو ايشور ۾ وشواس رکو اُن جي پوڄا آراڌنا
نه دک ۾ ايشور مددگار ٿيندو. هو جڳت جو پتا آهي.
ي اولاد پيارو هوندو آهي پر اولاد جو به فرض آهي ته پتا

ماندي نہ ٿي مارئي الله ٻہ آهي
سوين ورهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي

هڪ ڏينهن جمنا امان کي چيو، ”تون هميشه چوندي رهندي آهين تہ، ’ماندي نہ ٿيءُ مارئي الله ٻہ آهي، سوين ورهين جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي.‘ ائين ڇو چوندي آهين؟ ڪڏهن تون ڏکي هوندي آهين تڏهن بہ اِها سٽ چوندي آهين. اِن جو مطلب ڇا آهي؟“

امان چيو، ”ان جو مطلب سمجهائڻ لاءِ توهان کي مارئيءَ جي ڏک پري ڪهاڻي ٻڌائڻي پوندي.“ اسان چيو، ”ڏک پري! ڏک پري هجي يا سک پري اسان کي اُها ڪهاڻي ٻڌايو.“ امان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

• سنڌ ۾ ملير ۾ هڪ ڪتنب رهندو هو. اُن ڪتنب ۾ هڪ مهاسندر نينگري هئي، جنهن جو نالو هو مارئي. مارئي جوان ٿي. هن جو ڪيت سان مڱڻو ڪيو ويو. ٻيو هڪ ڇوڪرو هو جيڪو مارئيءَ کي چاهيندو هو. جنهن جو نالو ڦوڳ هو. مارئيءَ جي مائٽن کي هو پسند نہ هو. جنهن ڪري هنن اُن سان مڱڻي نہ ڪرائي. جنهن ڪري هن کي غصو لڳو ۽ هو عمر ڪوٽ ويو. عمر ڪوٽ جو راجا هو عمر. هن اُن کي وڃي مارئيءَ جي سونهن جي باري ۾ ٻڌايائين. ”مارئي ملير ۾ رهي ٿي. هوءَ تمام گهڻي سندر آهي اهڙي سندر توهان جي راڻي ٿيڻ گهرجي. توهان راجا آهيو. توهان سڀ ڪجهہ ڪري سگهو ٿا توهان سان ڪير وڙهي سگهندو؟ ويچارا غريب هاري توهان سان ڪهڙو مقابلو ڪري سگهندا؟ روئي ويهي رهندا. هوءَ اينتري تہ سهڻي آهي جڻ اپسرا ڌرتيءَ تي لهي آئي آهي.“

راجا هن جي سونهن جون ڳالهيون ٻڌيون تہ هن جي دل سرڪي تہ مان اُن سان شادي ڪريان. اُن ماڻهوءَ هن کي چيو تہ، ”توهان کي زوريءَ ڀڄائي شادي ڪرڻي آهي جو هو توهان کي مارئيءَ سان شادي نہ ڪرائيندا جو هوءَ مڱيل آهي. راجا پنهنجو فرض وساري ڇڏيو. پرجا سان اهڙي حالت راجا کي ڪرڻ واجب نہ آهي. اُن ماڻهوءَ هن کي ٻڌايو. ”هوءَ پاڻي ڀرڻ

سنتن جي مهما اپار
املهہ دان

سنڌ کي سنتن جي يومي ڪري چوندا هئا. هڪ سنت هو. هن وٽ
ڪيترا ماڻهو ايندا هئا. هنن جون آسون پوريون ٿينديون هيون. سنت
هڪ ننڍي جهوپڙيءَ ۾ رهندو هو. هن جي ضرورت جيترو هن کي ملندو
هو. ڪو نہ ڪو پريمي ڏيئي ويندو هو. جيتري ڪيس ضرورت هوندي
هئي اوتري کڻندو هو. باقي ورهائي ڇڏيندو هو. پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ
رکندو هو. جيڪي آس رکي ايندا هئا اُنهن جون آسون پوريون ٿينديون
هيون. هن جي در تان ڪي ٿورا سوا'ي خالي ويندا هئا. جيڪي سوالي
ويندا هئا تن کي چوندا هئا. ”ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو پرماتما آهي.
منهنجي وس ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. اُن جي پرارٿنا آراڌنا ڪريو. هو آس
پڄائڻ وارو آهي. مونکي ڪابہ طاقت نہ آهي.“ ڪڏهن ڪڏهن هڪ
ڏينهن بہ ڏينهن جهوپڙيءَ کان ٻاهر نہ نڪرندو هو. ماڻهو هليا ويندا هئا.
ڪي ڪلاڪن جا ڪلاڪ، ڪي آڌي رات تائين ويهي ويچارا هليا ويندا
هئا. اُنهن جي آس پوري ٿي ويندي هئي. هو اُهو اسرار ڏسي وائڙا ٿي
ويندا هئا.

هڪ ڏينهن ڳوٺ وارن شيواڌارين سائينجن کي وينتي ڪئي. هت
ماڻهو آس رکي اچن ٿا. ڪي ويچارا اڌ رات تائين سيءَ ۾، برسات ۾ ۽
گرميءَ ۾ وهن ٿا. هت ڌرمشالا ٺهرائجي تہ اچڻ وڃڻ وارن کي سهوليت
ٿيندي ۽ توهان صاحب ڪجهہ ستسنگ ڪري امرت روپي ورکا ورسيو
تہ اسانجي ڳوٺ جو نالو ٿيندو ۽ ستسنگ جو لاڀ ڳوٺ وارا ۽ ٻاهران
جيڪي اچن ٿا اُنهن کي بہ ملندو ۽ اسان شيواڌارين کي شيوا ڪرڻ جو
موقعو ملندو. اسان ڪنهن کان ڪجهہ بہ نہ وٺنداسين. شيواڌاري ۽ ڳوٺ
جا ماڻهو گڏجي ٺهرائينداسون. توهان فقط اسان کي موقعو ڏيو.“

سنت چيو، ”مونکي منظور آهي پر ڪي شرط آهن، (1) ڪنهن کان

کي مڃي ۽ مڃيندو تہ دک دور ٿيندا. تنهنڪري مان بہ ايشور کي ياد ڪندي آهيان تہ هو اسان جا دک دور ڪندو.'' جمنا ۽ مون چيو، ''اسان هاڻي سمجهيو تہ، تون اِها سٽ هر هر چو چوندي آهين.'' امان چيو،'' مارئي الله بہ آهي... سوڍن ورهين جا ڏکڙا لحظي لاهي.''

''ايشور چاهي تہ جلد از جلد دک دور ڪري ڇڏي.''

ڳل هئي. ڪيترا پڇي رهيا هئا ۽ پوءِ دان ڏيئي رهيا هئا يا لڪائي رهيا
هئا. دان ۾ تمام گهٽي سني رقم ملي ويئي جنهن جي ڪلپنا بہ نہ
ڪئي ويئي هئي. اڃا تہ لائين چالو هئي. هڪ ٻڍڙي مائي هٿ ۾
ڪڙي ڪٽي آئي. هوءَ لڪڙيءَ جي سهاري هلي رهي هئي. هوءَ غريب
هئي. ڳوٺ وارا سوچي رهيا هئا تہ هيءَ مائي بہ دان ڪرڻ آئي آهي.
هن ماڻهن کي وينتي ڪئي، ”مونکي پهرين وڃڻ ڏيو. مان لائين ۾
بيهي نہ سگهنديس.“ ماڻهن هن کي وڃڻ ڏنو. هن شيواڌاريءَ کي هڪ
پئسو ڏنو. شيواڌاري سوچي رهيا هئا تہ فقط هڪ پئسو ڏيڻ لاءِ گهران
ڪتي آهي. سنت اُهو پئسو يڪدم هٿ ۾ ورتو ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. ائين
سمجهہ ۾ پئي آيو تہ سنت کي قارون جو خزانو هٿ آيو آهي. هن
پئسي کي وٺي اکين کي ڇهائي شيواڌارين کي چيو، ”لسٽ ۾ پهريون
نالو هن جو لکجو ۽ ٻين جا نالا پوءِ.“ سڀ وائڙا ٿي ويا. اُتي هڪ شاهوڪار
بيٺو هو جنهن ڏهہ هزار رپيا لڪايا هئا. اُن وقت ايتري رقم ۾ تہ ڌرمشالا
ٺني نهي وڃي. اُن شاهوڪار چيو، ”هي توهين ڇا ٿا چئو تہ پهرين نالو
ن جو لکون. مان ڏهہ هزار ٿو ڏيان تہ پهرين نالو منهنجو لکجي.“ سنت
و تہ، هن ۾ مايا جو ايمان آهي هن جو ايمان ٺوڙڻ گهرجي. سنت
يو، ”توهان ڏهہ هزار روپيہ ڏيئي رهيا آهيو. توهان کي اُن ڏيڻ کان پوءِ
يتري رقم هوندي. ٿي سگهي ٿو توهان جيڪو دان ڪيو آهي اُهو اُن
ڏهون حصو يا ويهون حصو هي ڏهہ هزار هجن پر جنهن وٽ هڪ پئسو
جي ۽ هڪ پئسو ئي دان ڪري هن وٽ گهر ۾ يا هن وٽ ٻيو ڪجهہ بہ
هجي تہ مهان ڪير آهي؟ مهان تون يا هيءَ ٻڍڙي امان جيڪا پوري
ي بہ نٿي سگهي. اها پنڌ ڪري پنهنجي سڄي موڙي ڏيڻ لاءِ آئي
ي.“ اُهو ٻڌي شاهوڪار جو ايمان ختم ٿي ويو ۽ هو سنت جي چرنن
ڪري پيو ۽ چيو، ”مان سڄ پچ ڏهہ هزار پنهنجي نالي خاطر ڏنا
ن. مونکي شڪتي آهي تہ چو نہ دان ڪريان پر مونکي ايمان ضرور
ہ دانوين جي لسٽ ۾ منهنجو نالو پهرين هوندو پر توهان منهنجون
ون کولي ڇڏيون.“ ائين چئي شاهوڪار روئي ڏنو ۽ چيو، ”مونکي

زبردستي ڪجهہ بہ نہ وٺندا. (2) اڄ ڳوٺ ۾ چوندا تہ ڌرمشالا ٺهرائڻي آهي. جنهن کي جيڪي ڪجهہ دان ڏيڻو آهي اُهو سپاٽي هٿ اڳي دان ڏيئي وڃي. توهان ڪنهن کان بہ گهرڻ نہ ويندا. (3) جيڪي دان ڏيندا اُنهن جا نالا لکيا ويندا. جنهن جو دان وڏ ۾ وڏ هوندو اُن جو نمبر پهريون هوندو. ٻاهرئين ايوان ۾ دانويرن جا نالا پٽ تي لکيا ويندا. فقط هڪ ڏينهن تي دان وٺڻ ۾ ايندو. جيترو دان ملندو اُن موجب ڌرمشالا جو ڪاريہ ڪبو.'' (4) منهنجي جهوپڙي جيئن آهي تيئن رهندي.'' شيواڌارين چيو، ''اسان کي منظور آهي. هي تہ تمام سٺو ٿيندو جو اسان کي ڪنهن کان گهرڻو بہ نہ پوندو. جنهن کي دان ڏيڻو آهي اُهو يٿا شڪتي پنهنجي مرضيءَ موجب دان ڪندو. دان ڪندڙ جو نالو بہ ٿيندو. ڪيترا ماڻهو نالي جي ڪري دان ڪندا آهن. نالا پٽ تي لکيا ويندا.

ڳوٺ وارن کي ٻڌايو ويو، ''سنت ڌرمشالا لاءِ موڪل ڏني آهي. اسان ڳوٺ وارن کي سٺو موقعو مليو آهي تہ پاڻ موڪي سگهون ۽ شاندار ڌرمشالا ٺهرايون.'' مکي صاحب پڻ اِها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. ڌرمشالا ٺهندي تہ اسانجي ڳوٺ جو نالو ٿيندو. ٻين ڳوٺن جا، شهرن جا ماڻهو اسانجي ڳوٺ ۾ ايندا. ميلا لڳندا ۽ سنت جي ستسنگ جو لاڀ اسين ۽ ٻيا وٺي سگهندا. شاندار ڌرمشالا ٺهرائينداسون. دان پاڻ ڪرڻو آهي. ڪنهن کان گهرڻو نہ آهي. هيءَ ڳالهہ تہ تمام سٺي آهي. خبر پوندي تہ ڪير ٿو وڏيڪ پاڻ موڪي ۽ يش جو ڀاڳي بڻجي. اسانجو ڳوٺ ڪيترن ڳوٺن کان سرسبز ۽ شاهوڪار آهي تنهنڪري اُميد آهي تہ دان سٺو ملندو. گهر - گهر وڃون ها تہ شايد ايترو بہ نہ ملي. وري گهرڻ آهي بہ ڏکيو، ڪو ناراض ٿي ڪري يا شرم کان بہ نہ ڪري نہ سگهي ها. ڏاڍو سٺو ٿيو. مان اُهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان.

سڄي ڳوٺ ۾ خبر پئجي ويئي. ٻئي ڏينهن دان ڏيڻ وارا ايترا آيا جو لائين لڳائڻي پيئي. ڪو پنهنجي شڪتيءَ آهر ۽ ڪي نالي خاطر دان ڪري رهيا هئا. منهنجو نالو پهرئين نمبر ۾ ٿئي اها جڻ چٽاڀيٽي

موهنيءَ جي پتي شيوائن رنگ لاتو
موهنيءَ مانيلي ماءُ جي وصف بدلائي ڇڏي.

منهنجي ڀيڻ جمنا جي شادي مهني ڪان پوءِ ٿيڻي هئي. جمنا امان
چيو، ”امان، اڄ ڪا ڪهاڻي ٻڌايو.“ امان چيو، ”جمنا، تون هاڻي
نہ آهين. وڏي ٿي ويئي آهين. مهني ڪان پوءِ تنهنجي شادي آهي.
ڪهاڻيون ننڍن ٻارن لاءِ هونديون آهن.“ جمنا چيو، ”توهان جون
ڪهاڻيون ننڍن توڙي وڏن لاءِ هونديون آهن، وڏن کي بہ ڪجهہ سکيا
ندي آهي.“ اسان بہ چيو، ”امان، ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن پر
هان ڪهاڻي ٻڌائي نہ آهي. ڪهاڻي ٻڌايو.“ امان چيو، ”چڱو ٻڌو.
امان چيو، ”مان توهان کي هڪ ڪهاڻي ٻڌايان ٿي. هڪ ٻڍي جي
شادي هڪ وڏوا سان، جنهن جي عمر پنجونجاه سال هئي.“ اسان
و ٻڌي کلڻ لڳاسين. هڪ ٻڍي جي شادي! واه! واه! مزو ايندو.
مان توهان کي ٻڌايان ٿي تہ ليک کي طاقت آهي، لکيو جو للاٽ ۾
ڪيائي نہ ٿئي. لکئي کي ست ڪري مڃڻو آهي. ورڌاتا ماتا انگ
ڇڏيندي آهي. ڪنهن جي ڪنهن سان شادي ٿيندي. چوندا آهن،
ڪو پرٽي بہ نہ ماڻي لکي هرڪو ماڻي؟“
استريءَ جو فرض آهي پتيءَ جي شيوا ڪرڻ، پتيءَ جي شيوا پرميشور
شيوا آهي. پتيءَ جو فرض آهي پتنيءَ جي عزت ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ
هن جي ارڌانگني آهي. هوءَ گهرجي لڇمي آهي. هوءَ مهان آهي.
هڪ سيٺ هو. هن کي ٽي پٽ هئا. بہ پرڻيل هئس ۽ هڪ ڪنوارو
س. هن کي ٽي دڪان هئا. سڀ هڪ هنڌ رهندا هئا. سيٺ سڪي
ودو هو. هن کي هڪ شاهي بنگلو هو. اهو شاندار نموني ٺهيل هو. هيٺ
سائي نموني ٺهيل بنگلي ۾ گهڙڻ لاءِ هڪ شاهي دروازو هو. ٽنهي
ڪرن لاءِ الڳ الڳ ڪمرا سائي نموني ٺهيل. هڪ شاهي روم پڻ
مٿي ٺهيل هو، جنهن ۾ سيٺ ۽ هن جي زال رهندا هئا. آيو ويو،

معاف ڪريو. مونکي معاف ڪريو. توهان جيڪو چيو ته سچ پچ هيءَ پيڙڙي امان مهان آهي. هن جو پئسو اسان جي لکن روپين جي برابري ڪري نه سگهندو. هوءَ سڀ دان ڪري رهي آهي ۽ اسان ڪجهه حصو دان ڪري رهيا آهيون. اُن ماتا ڪي شاهوڪار پيري پيو.

سيٺي پيڙڙيءَ جي جئه منائي. پيڙيءَ چيو، ”مان پنهنجو نالو نه لکائيندس. منهنجو نالو لکندا ته مون ۾ ايمان پئدا ٿيندو. مهرباني ڪري منهنجو نالو نه لکجو. پهريون نمبر هن شاهوڪار جو لکيو وڃي. ائين ويچاريو ويو، **هڪ پيڙڙي جو املهه دان پئسو جنهن سان ڪوبه دان مشابهت نٿو ڪري سگهجي وڏن اکرن ۾ لکيو وڃي.**

ان کان پوءِ ٻيا نالا لکيا وڃن. جنهن جو دان وڏ ۾ وڏ آهي اُن جو پهريون نمبر. پوءِ نمبر وار جيئن جيئن رقم آهي تيئن لکيا وڃن. اُن شاهوڪار ۽ ٻين ماڻهن وينتي ڪئي. ”مهرباني ڪري ڪنهن جو به نالو نه لکيو وڃي. سيٺي جو گهٽ دان لکيو وڃي.“ سنت چيو، ”جيئن توهان جي مرضي.“ فقط لکيو ويو :

هڪ پيڙڙيءَ جو املهه دان پئسو.

ڳوٺ وارا سڀ خوش ٿيا. هڪ زبردست سٺي ۽ سهڻي ڌرمشالا ٺهرائي ويئي. ڪيترن ئي ماڻهن سنتن جي ستسنگ جو لاڀ ورتو. ميلا لڳندا رهيا. ڪيترائي سنت ايندا هئا. آس وارن جو آسون پڄنديون هيون.

امان چيو، ”ٻارو، پيڙڙيءَ جو دان املهه آهي چاڪاڻ ته هن وٽ فقط هڪ پئسو هو ۽ اُهو پئسو دان ڪيائين. دان جيترو ٿي سگهي اوترو ضرور ڪرڻ گهرجي. اهو ئي آئينده جو توشو آهي. هت سڀ ڪجهه ڇڏي وڃڻو آهي. دان هميشه ڳجهو ڪجي. ساڄو ڏئي کاٻي کي خبر نه پوي.“

ساني ۽ وارا هئا. هنن کي هڪ ئي پٽ هو. ڌيءَ ٻه نه هئن. هنن کي
موهني وٺي ويئي. تنهنڪري هنن چيو،'' توهان جيڪي ڏيندا اُهو
سانجي اکين تي آهي'' شادي ڌام ڌوم سان ٿي. موهنيءَ جو پتي
خوش طبع جو هو. موهني ساهرن ۾ خوش هئي. موهنيءَ ساهرن کي
موهي ڇڏيو. موهنيءَ کي گهوٽ جو بيحد پيار مليو.

ڊاڪٽر جي شادي ٿي. موهنيءَ کي اهنرياڻي ۽ هن جي گهوٽ کي
هنر بيهاريو ويو. ڊاڪٽر پيڻ کي سنو ڏنو. هوءَ ئي ته هن جي پيڻ
هئي. شاديءَ کان پوءِ ڊاڪٽر جي زال (هن جي ڀاڄائي) هن کي آدرياءُ
ڏيندي هئي. هوءَ هن کي نڻان سمجهندي هئي.

ڀاڳ ۾ ڇا آهي؟ ڪل ڪانه ٿي پوي. وقت بدليو. موهنيءَ جو سهرو
ڏاري ويو. هن جو گهوٽ نرمل غلط رستي تي اچي ويو. هو جوئا ڪندو
و. شراب پيئندو هو. هن کي ڪير سمجهائي؟ ڪاڪا الڳ هئس. اُنهن
ن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر نرمل هنن کي اهڙي ٻڏائي جو
نن پرن ڪري ڇڏيو ته هن کي ڪڏهن به نه سمجهائيندا! ۽ هنن ته هن
ان رشتو ٽوڙي ڇڏيو.

وقت سر دڪان نه کلندو هو. پئسا جوئا ۽ شراب ۾ ويندا هئا. آخر اُهو
ٽ به اچي ويو جو دڪان ۽ گهر وڪامي ويو. هوءَ گهوٽ کي
جهائيندي هئي ته مار کائيندي هئي. ڪيترائي دفعا هن مار کاڌي.
۽ روئي گهٽ ۽ ٻٽي وڌيڪ. ويچاري ڪومائجي ويئي. موهنيءَ جي
ن پٽ کي سمجهائيندي هئي پر اونڌي دلي تي پاڻي هارڻ برابر
اماں چيو، ''جوئاريءَ کان سؤ ڪوهه پر ڀڄجي. جوئا ڪرڻ نه
جي. جوئاريءَ جي زال ڪڏهن زيورن سان پريل ته ڪڏهن ٻٽي.''
ڏينهن هن جو گهوٽ زيور به ڪٽي ويو ۽ هارائي آيو. هن گهوٽ سان
ڙو ڪيو. اُن ڏينهن گهوٽ هن کي ڏاڍي مار ڏني. ويچاري ڇا ڪري؟
پيڪن ۾ هلي ويئي. هن کي سس تي قياس اچي رهيو هو پر ڇا
ي؟
ڪجهه مهنا گذري ويا. هڪ ڏينهن رات جو هن جو گهوٽ هن وٽ آيو.

مت مائٽ هن ئي روم ۾ ايندا هئا. ڏاڏي مؤج مزي ۾ رهندا هئا
لڇمي ۽ جي ٻه مهر هئن. اوچتو ڪاڪي جي زال گذاري ويئي. اُن وقت
ڪاڪي جي عمر سٺ سال هئي. ڪاڪو خوب رنو. ڪاڪو رشت پشت
هو. ڪاڏي-پيتي جو شونقين هو. چوندا آهن ته، ’ٻڍاپي ۾ زال هوندي
آهي پتي ۽ جو آڌار‘ شل ٻڍاپي ۾ ڪنهن جي زال نه مري ۽ ننڍپڻ ۾
ڪنهن جي ماءُ نه مري. چوڻي آهي ته، ”ٻڍي نه مري جوءِ ننڍي نه مري
ماءُ.“ ٻڍاپي ۾ زال پتي ۽ جي شيوا ڪندي آهي. هن جو پورو پورو خيال
رکندي آهي. ڪاڪو غمگين ٿي ويو پر ڪري ڇا ٿي سگهيو؟ وقت
گذرندي ڪاڪي جي طبيعت خراب ٿيندي ويئي. چوندا آهن- چنتا
چکيا سمان ٿيندي آهي. چنتا ٻاري ڇڏيندي آهي. ڪاڪي جي حالت
وڃي پيئي خراب ٿيندي. دوائون به اثر نه پيون ڪن. پنج سال گذري
ويا. ڪاڪو پنجهٺ سالن جو ٿيو. ڪاڪي کي دست، اُلٽيون ۽ پيشاب
ٿي پيا. هنڌ ۽ ڪپڙا خراب پيا ٿين. ڪاڪي کي پٽ صاف ڪندا هئا.
نهر ڪپڙا ڌوئيندي هيون. ڇوڪرا ڌنڌي تي وڃن، ڪاڪو هنڌ ۽ ڪپڙا
خراب ڪيو ڇڏي. هڪ نوڪر رکيو ويو جنهن کي هڪ هزار روپيا مهنو ڏنو
ويو. اُن وقت هڪ هزار روپيه وڏي رقم هئي. اُهو به ڀڄي ڏينهن ڪري
جواب ڏيئي ويو. پٽ ۽ نهر چنتا ۾. ڇا ڪجي؟ اسپتال ۾ داخل ڪرايو
ويو. ٻن ڏينهن کان پوءِ اِسپتال وارن به جواب ڏنو. هو منجهي پيا ته ڇا
ڪجي؟

هڪ ڊاڪٽر هو، جنهن کي پيڻ نه هئي پٽي به نه هئي. ڊاڪٽر جي
گهر جي پرسان موهني رهندي هئي هوءِ ڏاڏي غريب هئي. ڊاڪٽر هن
کي ڌرم جي ڌيڻ ڪئي. موهنيءَ کي ماءُ ڪونه هو. موهنيءَ جا مائٽ
پلي غريب هئا پر موهنيءَ کي گهڻو پيار ڪندا هئا. هن جي هر خواهش
پوري ڪندا هئا. موهني سهڻي صورت ۽ سهڻي سيرت واري هئي. هوءَ
سڀاجهي هئي. بيڪار ۾ هوءَ ڪابه خواهش نه ڏيکاريندي هئي. ڪاڪا
ماما هن کي ڏاڍو پيائيندا هئا.

موهنيءَ جي شادي هڪ سٺي گهر ۾ ٿي. ڌنڌو سنو هلندو هون. مڙيءَ

نهن پورهيو ڪندي هئي. پرڪاش ڏهن سالن جو ٿيو.
هڪ ڏينهن ڊاڪٽر هن وٽ آيو ۽ هن چيو، ''ديدي، چوڻ جي همٿ
ي ٿئي پر جيڪڏهن تون دل ۾ نه ڪرين ته هڪ ڳالهه چوان. آهي
يدي ڏکي. سماج جو به ٻڌڻو پوندو. توکي دلير ٿيڻو پوندو. پرڪاش جو
ينده نهي پوندو. ڪم ايترو ڏکيو آهي جو تلوار جي ڌار تي هلڻو
ي. مون رڪمڻيءَ سان به صلاح ڪئي آهي. وري به توکي چوان ٿو. دل
نه ڪج. ها يا نه ۾ جواب ڏج. امان ۽ سس سان صلاح ڪري پوءِ جواب
ج. مان آزاد خيالن جو آهيان. ديدي، تنهنجو دک مونکان سٺو نٿو
ي. هڪ شاهوڪار آهي. بيمار آهي. ڪجهه ڏينهن کان ڪمزور وڌيڪ
پيو آهي. هو رشت پشت هو. هن جي عمر 65 سال آهي. هن سان
ڪو شادي ڪندو اُن کي به لک روپيه ڏيندو.'' اُن وقت اُها تمام وڏي
م هئي. ''تنهنجي ڇوڪري جو جيون سڌري پوندو. تنهنجي ٻالڪ لاءِ
هنجي ماءُ ۽ تنهنجي سس لاءِ هر مهني پنج سو روپيه ڏيندو. ٻه لک
پيه پوسٽ ۾ رکايا ويندا. اُنهن پئسن ۽ وياج جو حقدار پرڪاش ٿيندو.
دي، سماج جي پرواه نه ڪر. سماج ته چوندو. ڪوهه ڪوٺينداسين، ۽
ينداسين ته پورجي ويندو پر سماج جو منهن بند نه ٿيندو. 'لوڪ آهي
ڪ'. توکي پتي سمجهي شيوا ڪرڻي آهي. قاعدي سر شادي ٿيندي.
تريءَ جا سڀ حق توکي ملندا.'' موهني چيو، ''ڀائو جيئن چوين
ن ڪريان. مان ڪڏهن به توکي ڌرم جو ڀاءُ ڪري نه سمجهندي
يان. سڳو ڀاءُ به شايد اهڙو ڌيان نه رکي. ڀاڄائي به پورو پورو ڌيان
دي آهي جنهن ۾ منهنجي ڀلائي هجي اُها ڳالهه چئو.'' ڊاڪٽر
، ''تنهنجي نصيب ۾ ٻي شادي لکيل هوندي ته ٿيندي نه ته نه
دي. تنهنجي نصيب ۾ پتيءَ جي شيوا لکيل هوندي. مونکي پڪ
ته تنهنجي شيوا رنگ لائيندي. هو ڪجهه ڏينهن ۾ نيڪ ٿي
و. هن جي سار سنڀال لهڻ وارو نه آهي. پتيءَ کي پرميشور سمجهي
ڪج. ڏسج ته ڪيئن سکي ۽ سٺي زندگي ٿي گهارين. تون امان
۽ سس کان پڇ اُنهن جو ڇا رايو آهي؟''

هو غمگين هو. هو گهڻو بيمار لڳي رهيو هو. هو روئي رهيو هو. هن چيو، ”موهني مونکي معاف ڪر. مونکي معاف ڪر. مان توکي هٿ جوڙي چوان ٿو. اڄ مان قسم کڻي ٿو چوان ته مان شراب نه پيئندس ۽ جوئا نه ڪندس. مونکي سڌرڻ جو موقعو ڏي.“ ائين چئي هو زار زار روئڻ لڳو. هن وري به موهنيءَ کان هٿ جوڙي معافي ورتي.موهنيءَ هن کي هٿ جوڙڻ نه ڏنا. پارتيه ناري آهي نه! امان چيو،”**پارتيه ناري مهان آهي.**“ هو سس کي پيري پيو. سس کي روئي چيو. ”مونکي معاف ڪريو.“ سس چيو، ”موهنيءَ جي پارت اٿيئي پنهنجي قول کي پاڙي ڏڄ.“

موهني ساهري گهر آئي. هوءَ سس کي پيري پيئي. سس هن کي ڀاڪر پائي روئي ڏنو ۽ چيو، ”موهني شاباس اٿيئي جو هيتري مار کان پوءِ به آئي آهين. تون مهان آهين. تون موهني نه پر ديوي آهين. پوڄا جي لائق آهين.“ نرمل به ماءُ کي پيري پيو ۽ چيو، ”امان توهان به مونکي معاف ڪريو ۽ مونکي آشيرواد ڏيو ته موهنيءَ سان ڪيل قول پاڙيان ۽ موهنيءَ کي اڳي کان وڌيڪ خوش رکان.“ ماءُ چيو، ”پٽ، چوندا آهن ته صبح جو ڀليل جيڪڏهن شام جو گهر واپس اچي ته اُن کي ڀليل نه چئبو. ايشور توکي شڪتي ڏيندو ته تون پنهنجي قول تي پورو رهين.“

موهني مشين هلائيندي هئي. نرمل به ڪجهه ڪمائي ايندو هو. نرمل جي صحت ۾ پڻ سڌارو اچڻ لڳو. گهر جو گذارو سٺو هلندو هو. نرمل پتنيءَ کي ڀرپور پريم ڏنو. ٻئي پتي پتني پريم ۾ مشغول ٿي ويندا هئا. موهنيءَ کان مار بلڪل وسري ويئي هئي. هوءَ آنند ۾ هئي. موهني گربونتي ٿي. گهر ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. موهنيءَ کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو پرڪاش رکيو ويو. نرمل سچ پچ جوئا نه کئي ۽ نه وري شراب پيتو. موهنيءَ کي بيحد پيار ڪندو هو.

پرڪاش ٻن سالن جو ٿيو ته هن جو پتا گذاري ويو. موهنيءَ جي مٿان جڻ پهاڙ اچي ڪريو. ننڍڙو ٻار. گهر ۾ پئسو ڪونهي. ويچاري سچو

نہ آهيو. توهان اڃان گھڻو وقت جيئرا رهڻا آهيو. توهان جي شيوا
ٿئي تنهنڪري توهان اهڙا بيمار ڏسڻ ۾ اچو ٿا. منهنجي مڃيو تہ
ب ڪرڻ ئي گھرجي. هڪ بي ڳالهہ. جيڪڏهن توهان هڪ سال ۾
ي ويا تہ هن کي رهڻ جي جاءِ بہ نہ ڏجو.'' وڏي ڇوڪري چيو، ''بابا
ڪڏهن شادي ڪئي تہ هوءَ اسانجي ماءُ ٿي رهندي.'' هن ڳالهہ تي
سهمت ٿيا. ڪاڪي کي مڃايو ويو. ڊاڪٽر چيو، ''مان اُن سان
ئي اُن کي وٺي ٿو اچان.'' ڊاڪٽر موهنيءَ وٽ ويو ۽ موهني کي
ٽر سموري ڳالهہ ٻڌائي. موهني تيار ٿي. هو موهنيءَ کي ڪاڪي
وني آيو. ڪاڪي کيس منڊي پاتي. موهنيءَ هن کي پٽي سويڪار
. موهني گھوٽ جي سس کي پيري پيئي. هن کيس پيري پوڻ نہ
و ياڪر پائي چيو، ''تون منهنجي ڌيءَ آهين. مان تنهنجي ماءُ
ن.'' نهر ۽ پٽ هن کي پيري پيا.

همڻ کي گھرايو ويو تہ شاديءَ جو مهورت ڪڏهن آهي؟ برهمڻ
''شادي جا مهورت ڇئن ڏينهن تائين آهن. پوءِ ٽي مهنا شاديون نہ
ون. پرهينءَ چنڊ آهي. ٻنهي لاءِ شڀ آهي. دير ڪرڻ نہ گھرجي.
ءَ جي ويڏي نہ پڙهبي ڇاڪاڻ تہ ڇوڪري شادي ڪيل آهي.
اري ۾ لائون پڙهيون ويندون. رات جو 7 کان 9 شڀ مهورت آهي.''
ءَ کان پڇيو ويو. موهنيءَ ها ڪئي. گھر ۾ خوشيءَ جو ماحول هو.
نيءَ چيو، ''توال،انگوڇو، ڪپڙا، گرم پاڻي، تيل ۽ صابڻ ڏيو تہ
ن کي سنان ڪرائي سڄو بدن صاف ڪنديس.'' اُهو ٻڌي سيني
ندين آڱريون لڳي ويون. هن تہ هن کي اڄ کان ئي پٽي سويڪار
ڇڏيو. ڏنيہ آهي موهني. وڏيڪ هن چيو، ''مان ڪمرو بہ ڌوئي
ڪنديس. هنن جي ڪٽ ۽ هنڌ بدلايو. وڏي نُنهن چيو، ''ڪمرو
ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. اڄ کان باباجن کي ننڍي ڏير واري
۾ سمهارينداسين. هي ڪمرو اسين صاف ڪرائينداسين. بابا
ڪمري ۾ ئي هوندا. ڏير مٿي روم ۾ وڃي سمهندو.''

يءَ هن کي ڇڳيءَ ريت بدن کي مهٽي سنان ڪرايو. هن ۾ ڄڻ

هن ماءُ کان پڇيو. ماءُ چيو، ”وڏوا وواه لاءِ سماج چوندو پر سماج اسار
کي ڪجهہ ڏنو آهي ڇا؟ سماج کي ڇوڙو آهي تہ ڀلي پيو سماج چوي
توکي جيڪڏهن برابر لڳي ٿو تہ ڀلي ڪر. شيوا ڪرڻ ڏکي آهي پ
جيڪڏهن تون اُن کي پتي پرميشور سمجهي شيوا ڪندينءَ تہ هو نوبن
ٿي پوندو. اُهو هڪ شيوا جو ڪاريہ بہ آهي. گهر جو گذارو ڪرڻ بہ ڏکي
آهي. شاباس آهي ڊاڪٽر کي جو دک سک ۾ وينو آهي. هن جو ويچا
آهي تہ ڀلي ڪر.“

هن سس کان پڇيو. هن چيو، ”گهر جو گذارو ٿيڻ ڏکيو آهي. جيئ
تنهنجي مرضي. شاباس تنهنجي ياءُ ڊاڪٽر کي آهي. جيڪو ٻنهي
گهرن جي پورت پيو ڪري. مدد ڪندو آهي. علاج جو ڪجهہ بہ نہ وٺند
آهي. اهڙا ياڻر بہ ملڻ ڏکيا آهن. هن جو رايو آهي تہ ڀلي ڪر. غلط ڪ
ڪڏهن بہ نہ ڪرائيندو. ڪنوار، سماج تہ چوندو اُهو ٻڏڙو پوندو. ٿي
سگهي ٿو تہ تنهنجي شيوا هنکي نيڪ ڪري. تو نرمل کي نيڪ ڪيو.“

ڊاڪٽر ڪاڪي وٽ ويو. هن گهر جي سيني ياتين کي گهرايو. ڪاڪي
۽ گهر جي سيني ياتين کي ڊاڪٽر ٻڌايو، ”ٻہ لک روپيہ پهرين ۽ پنج
سوَ روپيہ هر مهني ۾ ڏيو تہ هڪ وڏوا آهي. جنهن سان ڪاڪي جي
شادي ڪرائجي. هوءَ ڪاڪي جي چڱيءَ ريت شيوا ڪندي. نہ فقط
شيوا ڪندي پر توهان جي گهر کي سرڳ بڻائي ڇڏيندي.“ ڊاڪٽ
هنن کي اُن جي دک ڀري ڪهاڻي ٻڌائي. هوءَ پٽ جي آئينده لاءِ هي
شادي ڪرڻ مڃيندي. ٻہ لک روپيا هن جي کاتي ۾ رکايا ويندا
جيڪڏهن ڪاڪو پهرين گذاري ويو تہ، هوءَ هتي ئي رهندي. اِه
ڪمرو هن جو ٿيندو. جيڪڏهن پهرين هوءَ گذاري ويئي تہ هن جي پٽ
کي ٻہ لک ملندا ۽ پوست جو وياج ملندو. هوءَ تمام گهڻي سني آهي
شڪل جي سهڻي ۽ سهڻي سيرت واري آهي. جيڪڏهن توهان جو ويچا
هجي تہ مان اُن سان ڳالهائي ئي ڪيس وٺي اچان.“ ٻيا جواب ڏين اُن
کان اڳ۾ ڪاڪي چيو، ”مان مرڻينگ حالت ۾ آهيان. اهڙيءَ حالت ۾
شادي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“ ڊاڪٽر چيو، ”ڪاڪا، توهان اچا

ڏي اِها سوغات آهي. مان ڏاڍو خوش آهيان جو منهنجو پٽ نيڪ
هي. نانيءَ مونکي پيري پوڻ نہ ڏنو ۽ هن چيو، ”تون منهنجي ڌيءَ
هين. مونکي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ منهنجي ڌيءَ موٽي آئي آهي.“
ئين چئي هن مونکي ڀاڪر پاتو ۽ پيار ڀري چمي ڏني ۽ چيو، ”سپاٽي
وٽي مون وٽ کائجو. ماءُ وٽ پلي وڃڻ پر روٽي مون وٽ کائڻي آهي.
ٽن ۽ نهرن مونکي اڄ ڪيتري عزت ڏني آهي ۽ پيار ڏنو آهي مان
اڳن واري آهيان جو منهنجي قسمت ۾ بيو پٽي لکيل هوندو ۽ اهڙو
نو ڪٽنب مونکي ملندو. ايشور جي وڏي مهرباني آهي.“ موهني پٽيءَ
ي پيري پيئي. پٽيءَ هن کي پيري پوڻ نہ ڏنو ۽ هن کي پيار ڀريو
اڪر پاتو ۽ هڪ پيار ڀري چمي ڏني ۽ پوءِ پيار ۾ لين ٿي ويا. هنن
ھاڳ رات جي موج ماڻي. روم کان ٻاهر ٺهڪڙو هو. اڄ ٻڍو-ٻڍي پيار
ڪري رهيا آهن ۽ سهاڳ رات منائي رهيا آهن.

ٻئي ڏينهن موهني صبح جو سوير اُٿي. هن پٽيءَ کي سنان ڪرايو
ڻ بہ سنان ڪيو. ٻئي تيار ٿي ٻاهر آيا. گهر جا سڀ ڀاتي هن جوڙي
ي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. سڀ کان پهرين وڏن ننهن ٻنهي کي پيري
ئي ۽ پوءِ ٻيا پيري پيا. پٽي سس کي پيري پيو. موهنيءَ ماءُ کي
ڪر پاتو ۽ هن جي هنج ۾ ويٺي. اهڙو ماءُ ڌيءُ جو پيار ڏسي سڀ
ڳ رهجي ويا. ماءُ بہ پيار ڀريو ڀاڪر پاتو ۽ چيو، ”موهني تو پٽيءَ
ي اهڙي سهڻي نموني سيوا ڪئي آهي جيڪا شايد ڪا بہ استري ڏکيو
ري. تو انوکو مثال پيش ڪيو آهي. شاديءَ کان اڳ مٽيل بيمار
يءَ جي سيوا ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي ٿل وڌنديون ۽ سکي زندگي
ريندينءَ، اِها منهنجي آشيرواد آهي. تون سچ پچ منهنجي ڌيءُ ئي
ين. اڄ روٽي ٻئي مون وٽ کائجو. گهر جا ڀاتي هن جوڙي کي ڏسي
و خوش ٿيندا. منهنجون نهر بہ ڏسنديون ۽ ڪجهہ تو مان سکنديون.“
موهنيءَ نهرن کي چيو، ”اڄ کان توهان مونکي امين ڄي بدران امان
ديون ۽ هنن کي بابا چونديون.“ نهرن چيو، ”امين توهان کي امان
ا کي بابا چونداسين. جيئن اسين هريل آهيون. ڏير کي پئيا ڪري

جان اڇي ويئي. بنا ڪنهن آڌار جي هو اُن ڪمري ۾ ويو. سڀ هي
ڪرشمو ڏسي وائڙا ٿي ويا. موهنيءَ چيو، ”رات جو هنن کي ڪڇڻي ۽
ڪير ڏجو مان صبح جو 9 بجي ايندس ۽ هنن کي سنان ڪرائيندس.“
سس هن کي پاڪر پائي ۽ چمي ڏيئي چيو، ”منهنجي ڌيءَ بئي ويس
۾ آئي آهي. تون مونکي پاڪر پائي گڏج ۽ مونکي پيري نہ پئج. مونکي
خاطري آهي تہ تنهنجي شيوا رنگ لائيندي. ۽ هو ڪجھ ڏينهن ۾
نوبنو ٿي ويندو. مان اڄ ئي ڏسي وائڙي ٿي ويئي آهيان جو اڄان
شادي بہ نہ ٿي آهي جو تو پتي سمجهي اُن جي شيوا ڪئي. شايد ڪاب
استري ائين ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿئي. تون ڌنيہ آهين ۽ پوڄا جي لائق
آهين.“ پٽ ۽ نهر هن کي پيري پيا. ناشتو ۽ منائي گهرائي سيني
ناشتو ڪيو ۽ منائي کاڌي.

موهني ٻئي ڏينهن بہ آئي ۽ ٽئين ڏينهن بہ آئي. ٻئي ڏينهن هن کي
ڇٽيءَ ريت سنان ڪرايو. ڪاڪي ۾ گهڻو تفاوت اچي ويو. هو ڇٽي
ريت هلي ٿي سگهيو. موهنيءَ جي شيوا کي سڀ داد ڏيڻ لڳا. موهني
کي نوان ڪپڙا موڪليا ويا ۽ چيو ويو تہ هوءَ شاديءَ رات تي پائي. هو
سنيري تيار ٿي. جڏهن گردواري ۾ آئي اُن وقت ائين پئي لڳو ج
هڪ اپسرا ڌرتيءَ تي آئي آهي. گردواري ۾ لائون پڙهيون ويون. ٻنه
هڪ ٻئي کي هار پاتا. ٻنهي ڏرين هڪ ٻئي کي واڌايون ڏنيون. شاد
ٿي. پتي پتنيءَ خوش نظر اچي رهيا هئا. پتي وڌيڪ خوش نظر اچ
رهيو هو. هو نوبنو هو. ڄڻ هن پڏاپي جي چادر لاهي ڦٽي ڪئي هئ
گهر ۾ پٽن ۽ نهرن هنن ٻنهي جو سواگت ڪيو ڇاڪاڻ تہ پٽ نهر
شاديءَ تي گردواري ۾ آيل نہ هئا. ساٿ سوڻ ٿيا. گهوٽ ڪنوار ک
سينگاريل روم ۾ موڪليو ويو. پتي-پتنيءَ کي چيو، ”تو مونکي جيئدا
ڏنو آهي. مرٽينگ کي موت کان بچايو آهي. مان تنهنجو هي احس
وساري نہ سگهندس.“ پتنيءَ چيو، ”توهان منهنجا پتي آهيو. پ
پرميشور آهيو. شيوا ڪرڻ منهنجو فرض آهي. مان ڀاڳيوان آهيان
مونکي شيوا جو موقعو مليو ۽ توهان ٺيڪ ٿي ويا. منهنجي لاءِ وڏي

ل رهي. سال کان پوءِ ننڍي ننهن کي ٻه پٽ ڄائو. اُن جي ٻه هن
يءِ ريت شيوا ڪئي. نهر سس کي ديوي ڪري پوڄڻ لڳيون. سس
گهر جو ڪم گهٽ ڪرڻ ڏينديون هيون. پر موهني ڪم ۾ رڌل
ي هلي.

ان چيو، ''ڏسو قادر جي قدرت. رنگيءَ جا رنگ. موهني ڏينهن سان
هن کي پٽ ڄائو. سڀ گهر جا ڀاتي خوش ٿيا. ٻالڪ جو نالو ديپڪ
ويو.'' جمنا چيو، ''امان ايڏيءَ وڏيءَ عمر ۾ ٻار ڄڻڻ شرم جهڙي
نه آهي.'' امان چيو، ''شرم ڇا جو. اڳي ته سس ڄڻيندي هئي.
ڄڻيندي هئي ۽ ڌيءَ ڄڻيندي هئي ۽ ساڳئي وقت. ٻار ته ايشور
دين آهن. اڄڪلهه ته سنڌ ۾ اٺ ٻار ڄڻڻ رواجي ڳالهه هئي. هڪ مائيءَ
رهن ٻار ڄڻيا. اهڙا مثال ٻه ملندا. اُن کان وڌيڪ ڄڻڻ جا مثال ٻه
ملن پر هٿ ٻارن جي پالنا ڪرڻ ڏکي آهي ۽ سنڌ ۾ ٻار پيا پلبا

يءَ ننهن سس کي چيو، ''امان،هڪ ڳالهه چوان،دل ۾ نه ڪجو.
۾ هبڪان ٿي.'' سس چيو، ''مان ڇو دل ۾ ڪنديس توکي جوڳو
ڏينديس.'' ننهن کي چوڻ ۾ شرم اچي رهيو هو. هن چيو، ''امان!
'' سس چيو، ''ڇئه ڇا چوڻو اٿيئي؟'' ننهن چيو، ''مونکي چوڻ ۾
و اچي پر دل ٻڌي توهان کي چوان ٿي غصو نه ڪجو.'' ٻس چيو،
نه'' ننهن چيو، ''امان، توهان هڪ ڌيءَ ڄڻيو. اسان نڻان لاءِ سڪون
اسانجي وينتي سويڪار ڪريو. سس چيو، ''لڄ ويئي آهي
. ٻڌڻ ويو آهي وسري لڌڻ آيو آهي ياد. منهنجي وس جي ڳالهه
ڇا؟ تون ڇو نه ٿي ڌيءَ ڄڻين. هاڻي ٻه ڌيءَ ڄڻ. اها پريوءَ جي
ي ڳالهه آهي. بندي جي وس نه آهي.'' ننهن چيو، ''مونکي
آهي ته ايشور اسانجي پڪار ضرور ٻڌندو پر توهان جي رضامندي
تڏهن ٿي سگهندو.''

ڏينهن وڏي پٽ ماءُ کي چيو، ''امان هڪ ڳالهه چوان. ضرور
'' ماءُ ويچار ۾ پئجي ويئي. وري هيءُ ٻه ائين چوي ٿو ڇا؟ هن

چونديون.'' نندو، وڏو ۽ وچون اها ٻالہ ننهن کي وٺي. هنن اُن لاءِ بہ ها ڪئي. نهرن ڏنو تہ امان گهڻو آزمودگار ۽ سمجهدار آهي. امان هن گهر کي سرڳ بڻائيندي. امينءَ جي ڪوٽ پوري ريت پريندي. ٽي سگهي ٿو اُن ڪان بہ وڏيڪ عزت ۽ پيار لائق بڻجي. هنن سهري کي ڏنو تہ چست هو. هو هلي چلي سگهيو ٿي. هن جي منهن تي مرڪ هئي.

ڊاڪٽر روز ايندو هو. سئي هڻي ويندو هو. گوريون ريگيولر وٺڻ لاءِ چئي ويندو هو. هڪ ڏينهن گهر جا ڀاتي سڀ وينا هئا تہ ڊاڪٽر آيو. ڊاڪٽر ڪاڪي کي ڏسي چيو، ''هاڻي دوا ۽ گورين جي ضرورت نہ آهي. توهان جي موهني ايتري پرگهور لهندي جو توهان ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ دڪان تي ويندا.'' ڪاڪي ڊاڪٽر جي مهرباني مڃيندي چيو، ''اها توهان جي مهرباني آهي. مان توهان جو ٿورائتو آهيان جو مونکي جيئدان مليو آهي. مونکي خود خبر نہ آهي تہ هيترو چاڪ هفتي ۾ ڪيئن ٿي ويس. اهو موهنيءَ جي شيوا جو ڦل آهي. هن منهنجي دل و جان سان شيوا ڪئي آهي ۽ پٽي ڌرم پوريءَ ريت پاليو آهي.''

موهني ويشنو هئي ۽ سڄو گهر ويشنو نہ هو. هن ڪڏهن بہ گهر ۾ توڙي ساهري گهر ماس نہ رڌيو هو. هن سڀني کي وينتي ڪئي تہ، ''ايشور در پرارٿنا ڪريون تہ ايشور اسان کي سُبڌي ڏئي تہ اسين ماس نہ کائون ۽ بيضو بہ نہ کائون.'' سڀني گهر جي ڀاتين گڏيل سُر ۾ چيو، ''اسان اڄ کان وٺي ماس يا بيضو نہ کائينداسين. اسان کي پڪ آهي تہ ايشور اسان کي سُبڌي ڏيندو ۽ توهان جي اسان تي آشيرواد رهندي.'' موهني اُتي جو اُتي اهڙو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي ويئي.

مهني ڪن ۾ موهنيءَ جو پٽي دڪان تي ويو. هن پٽيءَ کي ڪارو تلڪ ڏنو تہ جيئن ڪين نظر نہ لڳي. اِهو ڏسي گهر جا ڀاتي وائڙا ٿي ويا. هنن جاتو تہ ڪهنين ريتين رسمن کي بہ مڃيندڙ آهي. موهنيءَ جي وڏي ننهن گريونتي ٿي هن اُن جي پوريءَ ريت سنڀال ڪئي. ٻالڪ جمڻ تائين. پٽ ڄائو. سڄي گهر ۾، مٽن-مائٽن ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. چاليهہ ڏينهن هن ٻالڪ جي پوري سنڀال ۽ گهر جو ڪم ڪرڻ ۾

هون. اقرار نامو چينج ڪيو ويندو.''

اقرار نامو چينج ڪيو ويو. اُن ۾ لکن وارو اقرار نامو قائم رکيو ويو ۽ وڏيڪ لکيو ويو تہ اسين پنج پائر آهيون. سيٺي جو حق سمان رهندو. ماءُ خوش ٿي. هن چيو تہ، ''لکن وارو اقرار نامو بہ رد ڪيو.'' پر سيٺي اِها ڳالهہ نہ مڃي. پرڪاش کي گهرايو ويو. اُن وقت ڊاڪٽر بہ اتفاق سان اُتي پهتو. ڊاڪٽر کي سموري ڳالهہ ٻڌائي ويئي. ڊاڪٽر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. رات جو سڀ گڏجي روٽي کائون. ڊاڪٽر کي چيو ويو تہ توهان بہ اچو. ڊاڪٽر نہ ڪري نہ سگهيو. نرملا کي بہ وٺي اچجو.

رات جو روٽي تيار ڪري وڏي روم ۾ رکي ويئي. اُن کان اڳ ۾ شراب جي بوتل کولي ويئي. سوڊائون گهرايون ويون. شراب گلاس ۾ وڌو. مس بہ موهنيءَ جي روئڻ جو آواز آيو. سڀ وائڙا ٿي ويا. امان روئي رهي آهي. هنن روئڻ جو امان کان ڪارڻ پڇيو. هن روئندي روئندي زندگيءَ جو سڄو ورتانت ٻڌايو تہ ڪيئن شراب هن جو گهر برباد ڪيو. وڏي ڇوڪري اُن وقت گلاس ۾ پيل شراب بوتل ۾ وڌو ۽ سڄي بوتل وڃي ٻاهر هاري آيو ۽ هن چيو، ''امان، اسان ڪڏهن بہ شراب کي هٿ نہ لائينداسون. توهان جي اکين ۾ آنسون اسين ڏسي نٿا سگهون. اسين گهر ۾ نہ آڻينداسين. پاڻ نہ پيئنداسين پر آيل مهمانن کي بہ نہ پيارينداسين.'' ڊاڪٽر چيو، ''ديدي مان بہ ڪڏهن بہ نہ پيئندس.'' موهني وائڙي ٿي ويئي ۽ چيو، ''تون بہ پيئندو آهين؟ مونکي خبر بہ نہ آهي. نرملا بہ ڳالهہ نہ ڪئي آهي. مون شراب جي ڪري ڪيترو سٺو هو. مونکي ماريندا هئا ۽ مان مارون کائيندي هئس. توکي سڄي خبر آهي تہ شراب مان ايترو نقصان آهي تڏهن بہ تون پيئندو رهيو آهين.''

ڊاڪٽر چيو، ''مون ۾ ۽ هن ۾ تفاوت اِهو آهي جو هو عادتي هو ۽ مان ونق کان پيئندو آهيان. اُهو بہ ڪڏهن ڪڏهن. سوڊا گهڻي هوندي آهي شراب گهٽ ۽ شراب اُچو هوندو جيڪو ايترو نقصان نہ پهچائيندو آهي پر اج کان اُهو بہ نہ پيئندس. گهر وڃي هاري ڇڏيندس. مان پيڻ بہ خوش رکڻ ٿو چاهيان. ''نرملا اِهو ٻڌي خوش ٿي. ڇوڏاري شانت

کي ائين چوڻ ۾ شرم نہ ايندو ڇا؟ ماءُ کي ائين ڪيئن چئي سگھندو هوءَ ويچارن ۾ لين ٿي ويئي. وڏي پٽ وري چيو، ''امان، ڪهڙي ويچ ۾ لين ٿي ويا؟''

ماءُ چيو، ''نہ نہ، ڪوبہ ويچار نہ آهي. چئہ ڇا ٿو چوين؟'' وڏي پہ چيو، ''امان ديپڪ اسان وٽ آيو آهي. باقي پرڪاش جي ضرورت آهي. ماءُ چيو، ''مون نہ سمجهيو. کولي سمجهاءِ.'' وڏي پٽ چيو، ''اسانج ويچار آهي تہ پرڪاش کي هٽ وٺي اچون. اُن کي ڪنهن سٺي اسڪو ۾ داخلا وٺي ڏيون. ڪيس ٽيوشن وغيره تي موڪلڻو هجي تہ موڪليون اسين پنج ڀائر آهيون ۽ پنج ئي ڀائر هڪ هنڌ رهون. هو واندو هوندو هن کي دڪان تي وٺي ويندا سون. اسان جي اِها وينتي سويڪار ڪري توهان هلو تہ ڀاءُ کي وٺي اچون.'' ماءُ چيو، ''گهر جي ڀاتين سان صلا ڪئي اٿيئي؟ پتا کان پڇ. اسان جو اقرارنامو آهي تہ پرڪاش هٽ رهندو. اُهو ڏاڏيءَ وٽ يا نانيءَ وٽ رهندو، مان اُن اقرار نامي سا سهمت آهيان.'' وڏي پٽ چيو، ''مون سيني سان صلاح ڪئي آهي نانيءَ سان بہ صلاح ڪئي آهي. اسان اُن اقرارنامي کي ٽيرائي سگهو ٿا. بابا جن کان بہ پڇيو آهي. توهان جي سهمتي گهرجي. اسان پرڪاش کي پورو ڀائرن وانگر پيار ڏينداسين. توهان جيڪا شيوا اسانجي ڪئي آهي اُها شيوا سڀيءَ ماءُ لاءِ بہ ڇڻ ڪرڻ ڏکي آهي. مونکي ياد ٿو اچ مان جڏهن بيمارِ ٿيس توهان جيڪا منهنجي شيوا ڪئي اُها ڪڏهن نہ وسرندي. چمچي سان پٽ پيارڻ، کير پيارڻ، مٽي کي زور ڏيڻ اُ وقت منهنجي زال بہ ٻار کي جنم ڏنو هو. اُن جي شيوا ڪرڻ ڏاڍو ڏکي ڪم هو پر توهان چڱيءَ ريت بخوبي پورو ڪيو تہ اسان جو بہ فرض آه تہ پرڪاش کي ڀاءُ جهڙو پيار ڏيون. جيئن اُهو بہ هڪ مثال قائم ٿئي. ماءُ چيو، ''سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿيون. امان کي بہ گهراءِ. مان سيني کان راء پڇان. پوءِ جواب ڏينديس.''

ٻئي ڏينهن سڀ هڪ هنڌ گڏ ٿيا. سيني گڏجي چيو، ''پرڪاش کي هٽ گهرايو ۽ هو هتي رهي. اسين اُن جي پنهنجي ڀاءُ وانگر پرگهو

كمل چيو، ”برابر آهي.“ ننڍي ننهن چيو، ”پُٽيا کان به سهڻي آهي. عمر ۾ به سال ننڍي. ڏيگهه ۾ پُٽيا کان ننڍي آهي. جوڙي سٺي نهندي.“ ٻئي ڏينهن تي سيٺ گڏيا. ڪمل کي ڏٺائون. شام جو امان، ناني، ڪاڪو ۽ ٻيا ڪجهه وڏي ننهن ۽ وڏو پٽ ويا. پڪ ٿي. ٻنهي ڌرين ۾ واڌايون وري ويون. سيٺي گڏجي امان کي خوب خوب واڌايون ڏنيون. ڇوڪريءَ جي پيءُ چيو، ”سچ پچ اسان جي سيٺ اچڻ سان گهر سرڳ ٻڻجي ويو آهي. اسان پاڻ شراب پيئڻ ۽ ماس کائڻ بند ڪيو آهي.“ اِهو ٻڌي امان ڏاڍو خوش ٿي. هن سيٺ کي خوب واڌايون ڏنيون. آنند منگل ٿيا. سيٺ چيو، ”ادي منهنجي ننهن تي به آسيس جو هٿ گهمايو. هڪ کي ٺ سال ٿيا آهن ۽ ٻيءَ کي ڏهه سال ٿيا آهن. توهان آشيرواد ڪيو ته گهر ۾ لال گوپال اچن.“ امان چيو، ”هو اچن ته آشيرواد ڏيان.“ ٻئي آيون پيري پيون. امان آشيرواد جو هٿ هنن مٿان گهمايو ۽ ٻنهي کي ڪن ۾ ڪجهه چيو. ٻئي مشڪيون. امان چيو، ”ايشور در پرارٿنا ڪريو. ڏينهن رات پرارٿنا ڪندا رهو. صبح جو اُٿڻ وقت ۽ رات جو سمهڻ وقت پربوءَ کي ضرور ياد ڪريو. ته ايشور ضرور آس پڄائيندو. هو دياوان داتا آهي. هو ڏيڻ وارو آهي ۽ اسين سڀ وٺڻ وارا آهيون. توهان ماس ۽ شراب ڇڏيو آهي. ٻڌي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. ايشور پريم پري ڪار ضرور ٻڌندو. منهنجي آشيرواد ۾ طاقت نه آهي. پرميشور ۾ شڪتي آهي. هن وٽ ڀنڊار ڀريل آهن. هو پڪ آس پڄائيندو.“ اِهو ٻڌي سڀ خوش ٿيا. (سڀ هن کي امان چوندا هئا جڏهن هوءَ امان نالي سان مشهور ٿي.)

ڪجهه وقت ۾ ڪمل جي به شادي ٿي. شاديءَ کان ڪجهه ڏينهن پوءِ امان ڪمل کي چيو، ”اسان تنهنجو ڪمرو خالي ڪري پنهنجي ڪمري ۾ وڃون ٿا.“ ڪمل چيو، ”مان جنهن ڪمري ۾ ئي رهان ٿو اُتي ئي رهندس. هي ڪمرو توهان جو آهي ۽ هو ڪمرو آيل مهمانن لاءِ آهي.“ هو جواب ٻڌي گهر جا ڀاتي ڏاڍو خوش ٿيا.

سال کان پوءِ موهنيءَ ڌيءَ کي جنم ڏنو. سڄي ڪٽنب ۾ رشتيدارن

وارو واتاورڻ هو. ڊاڪٽر سوچيو ته ڪا ڪل جهڙي ڳالهه ڪجي ته سڀ کلن. ڊاڪٽر چيو ”نرملا تي آسيس جو هٿ گهماءِ ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ پٽ ڄڻي ڏئي.“ اِهو ٻڌي سيني کان کل نڪري ويئي. نرملا ته شرمائجي ويئي. موهني چيو، ”هوءَ جڏهن آشيرواد وٺڻ چاهي ته مان ڏيانس. بنا روئڻ جي ماءُ به ٿيڃ نه ڏيندي آهي.“ نرملا پنهنجي جاءِ تان اُٿي ۽ نڻان کي پيري پيئي ۽ موهنيءَ کيس آشيرواد ڏني. موهنيءَ چيو، ”شل پنجن پٽن جي ماءُ ٿين.“ ۽ ڪن ۾ ڪجهه چيو. نرملا شرمائجي ويئي. سيني نرملا کان پڇيو، ”امان ڪن ۾ ڇا چيو؟“ نرملا چيو، ”سمجهي وڃو. مان ڇا ٻڌايان؟“ هوءَ شرمائجي ويئي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي جاءِ تي ويئي. ڪل ٺهڪڙي جو آواز اچڻ لڳو. سيني گڏجي روٽي کاڌي. نانيءَ جي گهر وارن چيو، ”اسين به شراب نه پيئنداسين.“

وڏيءَ ننهن چيو،”امان، ڪمل کي آسيس ڪريو ته هو مڱجي ۽ سهڻي ڪنوار وٺي اچي.“ امان چيو، ”هو جڏهن آسيس وٺڻ اچي ته.“ ڪمل جاءِ تان اُٿيو ۽ ماءُ کي پيري پيو. ماڻس کيس آشيرواد جو هٿ گهمايو مس ته ننڍيءَ ننهن چيو، ”مونکي هڪ ڇوڪري ڏيان ۾ آهي جيڪا سهڻي آهي ۽ گهريلو آهي ۽ چاتل سچاتل آهي.“ سيني گڏجي چيو ته، ”پوءِ دير ڇو ٿي ڪرين. هينئر ئي ٻڌاءِ ته ’چٽ مڱڻي پٽ پوانهه‘ جلدي ٻڌاءِ.“ ننڍي ننهن چيو، ”پر ڇوڻ ۾ هڇڪ ٿي ٿئي.“ سهري چيو، ”ڪنوار بنا هڇڪ جي ڇڻه. اسين سڀ ويٺا آهيون. ترت فيصلو ٿي ويندو.“ ڪنوار چيو، ”بابا اُها منهنجي ننڍي ڀيڻ آهي.“ سهري ۽ ڀين چيو ته، ”پوءِ دير ڇو ڪيون. اڄ رات ئي توهان پٽي پٽني وڃو. صبح جو هنن سان گڏجي اچو. ڳالهيون ڪيون ۽ سپاٽي ئي مصري وٺي پڪ ڪريون. ماڻهو سٺا آهن فقط ٻالڪ ڏسڻو آهي. اِها ته پاڻ تمام سٺي ڳالهه آهي.“ ننهن چيو،”وڏيءَ ڀاڀيءَ جي به ڏٺل آهي ۽ ڪمل به ڏٺي آهي. ٻنهي کان پڇيو ويو. وڏيءَ ننهن چيو، ”سٺي آهي.“ ڪمل چيو، ”ٺيڪ آهي.“ امان چيو، ”اِن کان وڌيڪ سهڻي ڇوڪري ڪهڙي؟“ ڪمل چيو، ”نه نه. سٺي آهي.“ سيني چيو،”ڪمل سوچي جواب ڏي.“

هرڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي

هڪ راجا هو. هن کي ست راڻيون هيون. راجا ستن راڻين مان خوش
راڻيون به خوش هيون. هڪ ڏينهن راجا کي خيال آيو ته مان ستن
ين کي کارايان ٿو. منهنجي ڪيتري نه مهما ڇئبي. ڪيتريون راڻيون
ب گهراڻي جون آهن. هت عيش عشرت سان جيون گهارين ٿيون.
اُنهن جو ڪيڏو خيال ٿو رکان جو هو موج مزي ۾ گذارين ٿيون. نه
ڊ ايترو پر نوڪر-چاڪر هنن جي شيوا ۾ حاضر رهن ٿا. داسيون هنن
پرگهور لهن ٿيون.مان ڪيترو نه مهان آهيان. هن ۾ ايمان جاڳيو.
ان کيرائيندڙ آهي.
هن ستن راڻين کان پڇيو، ”توهان کي ڪير ٿو کارائي؟ توهان جي
ا ڪير ٿو ڪري؟“ ڇهن راڻين چيو، ”توهان ان داتا آهيو. توهان
ن جا پتي آهيو. توهان اسانجا پرميشور آهيو. توهان ئي اسانجي
ا ڪريو ٿا. اسان کي سک سهنج ڏيو ٿا. اسان جي شيوا لاءِ داسيون
. توهان جا احسان آهن. توهان اهڙو سوال ڪيئن ٿا پڇو؟“
ستين راڻي جيڪا سيني کان ننڍي هئي، هڪ غريب جي ڌيءَ
ن. راجا هن تي موهت ٿي پيو هو ۽ راجا هن جي مائٽن سان ڳالهايو
مائٽ تيار نه هئا. ”اسين غريب آهيون. توهان راجا. هي سونهين
“ پر راجا جي گهٽي ڇوڙ تي هو تيار ٿيا هئا.
اجا هن کان پڇيو، ”تو ڪوبه جواب نه ڏنو. شانت رهي آهين. اِن
۾ شنڪا اٿيئي ڇا؟ شنڪا هجي ته چئه.“ راڻيءَ جواب ڏنو، ”ڪير
ن کي ڪونه ٿو کارائي. هرڪو پنهنجو نصيب ٿو کائي. ڪنهن کي
ڻ جي طاقت نه آهي. سيني کي روزي ڏيندڙ پرماتما آهي. توهان
جا پتي آهيو پر پرماتما سيني جو پتا آهي. اُهو سيني کي کارائيندڙ
.“
ڻين سيني گڏجي ننڍيءَ راڻيءَ کي سمجهايو. ”چئه توهان ٿا کارايو.

۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. هن جي ڇٽني ڏاڍي ڏام ڌوم سان
ڪئي ويئي. سڀني موهنيءَ ڪي واڌايون ڏنيون. موهنيءَ سچ پچ هڪ
مثال قائم ڪري ڏيکاريو ته ايشور جي پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي. هو
پتا آهي ۽ پتا کي ٻارن جو اونو هوندو آهي پر اولاد جو به فرض آهي ته
پتا کي ياد ڪري. ڇوڪريءَ جو نالو لڇمي نڪتو. گهر ۾ آنند ڇانئجي
ويو.

موهني ماتيلي ماءُ نه هئي پر ڄڻ سڳي ماءُ هئي. موهنيءَ اهو به
ثابت ڪري ڏيکاريو ته ماس ۾ شڪتي آهي پر ويشنو کاڌي ۾ اُن کان به
وڌيڪ شڪتي آهي. ويشنو کاڌي ۾ آتمڪ ٻل وڌي ٿو ۽ ويچار شڌ رهن
ٿا. ايشور راضي رهي ٿو. شراب گهڻو نقصانڪار آهي، شراب جي ڪري
گهر برباد ٿين ٿا. ٻارن ۽ ڪٽنب پنهنجي ماءُ کي خوش رکڻ لاءِ ٻنهي
شين جو تياڳ ڪيو.

امان چيو، ”ٻارو، ڏٺو موهنيءَ جي شيوا. ڪر شيوا ته ملني ميوا.“
جمنا چيو، ”امان هيءَ ڪهاڻي توهان ڏاڍي سٺي ٻڌائي آهي، مان هن
مان گهڻو ڪجهه پرائي سگهنديس.“ امان چيو، ”پتيءَ جي شيوا سُرڳ
جو دروازو کولي ٿي. ڏس گهر سُرڳ بڻجي ويو. موهنيءَ پتيءَ جي شيوا
ڪئي. ٻارن جي شيوا ڪئي. شراب پيئڻ نه گهرجي. شراب خاني خراب.
دل ۽ دماغ تي اثر ٿئي ٿو. پئسي جو زيان ٿئي ٿو. جمنا چيو، ”امان،
ماءُ جو وڏو فرض آهي، ٻار جي چرتر جو ڌيان رکڻ. جيئن امان توهان
اسان ڏانهن پورو پورو ڌيان ڏيو ٿا. توهان اسان کي سٺيون سٺيون
ڪهاڻيون ٻڌائي چرتر جو نرماڻ ڪريو ٿا.“

ئي هن کي نديءَ جي هن پر ڪٽي آيو. هو بهادر بہ هو. هن استريءَ کان پڇيو، ''تون ڪير آهين؟'' استريءَ کيس ٻڌايو تہ هوءَ هن ديش جي راجا جي ننڍي راڻي آهي. هن سموري ڳالهہ جوان کي ٻڌائي. جوان چيو، ''توهان راڄ ماتا آهيو. توهان اڄ کان منهنجي بہ ماتا آهيو.'' جوان راڻيءَ کي پيري پيو ۽ ماتا ڪري چيو.

ٻہ سال گذري ويا. راجا راڻيءَ کي وساري ويٺو هو. پر راڻيءَ جا پتا ماتا هن کي ياد ڪندا هئا. هو دل ۾ چوندا هئا. راڻيءَ جي ضد ڪري راجا کيس مارائي ڇڏيو. راجا کي ائين نہ ڪرڻ کپندو هو. اسان کان راجا ڇوڪري ګهري ورتي هئي. اهڙو انياءُ راجا ڪيو آهي. راجا جي راڄ ۾ ڏڪر پوڻ لڳو. راجا دکي ٿيو. راجا اناج جا ګدام کولي ڇڏيا. ماڻهن کي اناج ملڻ لڳو پر اناج بہ کٽڻ تي هو. راجا کي ڀڳوان سپني ۾ چيو، ''تو راڻيءَ کي محلات مان ڪڍائي نديءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيو آهي. هوءَ برابر هئي. توکي ڪارائڻ جي شڪتي نہ آهي. سياڻي سيني ماڻهن کي ڪارائي ڏيکار.'' راجا اکيون کوليون مس تہ سپاهي آيا جن ٻڌايو تہ ګدام کي باهہ لڳي آهي. اناج سڙي رهيو آهي. جيئن پاڻي ٿا وجهن تيئن آڳ وڌندي ٿي وڃي. ٿي سگهي ٿو تہ آس پاس جا ګهر بہ جلي وڃن. راجا پڇتائڻ لڳو تہ مون سچ پچ غلط ڪم ڪيو آهي. راڻي برابر هئي. مون ايمان ڪيو اُن جو ڀوڳ مان ڏيئي رهيو آهيان. مان ماڻهن کي ڪٿان ڪارائي سگهندس؟ مون ايمان ڪيو آهي ۽ پرميشور کي وساريو آهي. هن ايشور کي پرارٿنا ڪئي تہ هي پريو مونکي معاف ڪريو. مون ڏو پاپ ڪيو آهي. مان ايشور جي هستيءَ کي وساري ويٺو هوس. دياوان پريو مون کي رستو ڏيکاريو. مان ڇا ڪريان؟ آئينده اهڙي خطا نہ ٿيندي. ايشور دياوان آهي. اُنهن ويچارن ۾ هو تہ سپاهي ڊڪندا آيا جن ٻڌايو تہ، ''آڳ پنهنجو پاڻ وسامي ويئي ۽ اناج تمام ٿورو سڙيو آهي.'' راجا پرميشور جا شڪرانا مڃيا ۽ سمهي پيو. وري هن کي سپني ۾ ڀڳوان چيو، ''نديءَ جي هن پر هڪ جهوپڙي آهي. جنهن ۾ راڻي رهي ٿي. اُن کي مان شان سان راجمحل ۾ وٺي اچ.'' راجا اکيون کوليون.

اِن ۾ ڪهڙو هرج آهي. تون تہ غريب جي ڌيءَ آهين. هت عيش سان رهي
ٿي. اسان سيني کان سهڻي آهين، تنهنڪري راجا جو پيار بہ وڏ ۾ وڏ توسا
آهي. تون چئہ ۽ راجا کي خوش ڪر.“ راڻي پنهنجي ضد تي رهي.

ٿي هت ٿيندا آهن. ٻار هت، اِستري هت ۽ راڄ هت. راجا ضد تي
تہ، ”راڻي چوي تہ توهان پالڻ هار آهيو. جيڪڏهن نہ مڃيندي
اهڙي ڪار ڪندو سانس جو جيئرو رهڻ مشڪل ٿي پوندس.“ راڻي
جي مائٽن کيس سمجهايو پر هن سيني کي جواب ڏنو. هن چيو، ”ما
پنهنجو نصيب ٿي کانوان. راجا کي ڪهڙي طاقت آهي مونکي ڪارا
جي. هو منهنجو پتي آهي ۽ راجا آهي هنن کي جيڪا سزا ڏيڻي هجـ
مان سهڻ لاءِ تيار آهيان پر ڪوڙ ڳالهائي دلاسو ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهيا
مونکي موت جي بہ پرواهہ نہ آهي. مرڻو تہ هڪ ڏينهن آهي.“

راڻي بہ ضد تي هئي تہ راجا بہ ضد تي هو. ڏسڻو آهي تہ ڪنهن جـ
تي جيت ٿئي. جمنا پڇيو، ”اماں ، ڪنهن جي جيت ٿيندي؟“ اما
چيو، ”جيڪڏهن هينئر وچ ۾ ٻڌائيندس تہ ڪهاڻيءَ جو مزو نڪر
ويندو جنهن ڪري ڪجهہ صبر ڪر تہ خبر پوندي تہ ڪنهن جي جيـ
تي ٿئي.“ حال تہ ٻئي ضد تي آهن. راجا وري بہ راڻيءَ کي سمجهايو
راڻيءَ تي ڪوبہ اثر نہ ٿيو. اونڌي دلي تي پاڻي هارڻ برابر هو.

راجا هن کي پنيءَ سان هڪ وڏ پٽر ٻڌائي نديءَ ۾ ڦٽي ڪرايـ
نديءَ ۾ ڦٽي ڪرڻ سان ڏسو قادر جي قدرت، رنگيءَ جا رنگ. مار
واري کان بچائڻ وارو پرماتما وڏو آهي. پٽر هيٺ تري ۾ هليو ويـ
نوڙي ڇڙي ويئي. راڻي پاڻ کي بچائڻ لاءِ ٽاڦوڙا هڻڻ لڳي. هوءَ تارو
نہ هئي پريوءَ کي پڪاري رهي هئي. پريو پريمين جي پڪار ٻڌن
آهي پر پنهنجو نالو نہ ڪندو آهي . ڪنهن نہ ڪنهن جي هٿان ڪ
ڪرائيندو آهي ۽ اُن کي جس جو ڀاڳي بڻائيندو آهي. ڏوري اُن جـ
هٿ ۾ آهي. نديءَ جي ڀُن پر هڪ جوان بيٺو هو. هن ڏٺو تہ هڪ استر
وچ سير ۾ پاڻ کي بچائڻ لاءِ ندي پار ڪرڻ لاءِ ٽاڦوڙا هڻي رهي آهي
مان تارو آهيان . مونکي هن کي بچائڻ گهرجي. هو ترندو ويو ۽ جلد

ش ٿيا. هنن راڄا جي جڻ ملهائي. هڪ ٻيڍڙي مائي راڄا وٽ آئي.
هن چيو، ”مونکي رهڻ جو اجهو نہ آهي. ڪو اولاد بہ نہ آهي. هِت
ٻ سمهندي آهيان. مونکي جهوپڙي ٺهرائي ڏيو.“
راجا چيو، ”هن جهوپڙيءَ ۾ رهہ جيسين جيئري آهين. سڀ سامان بہ
آهي.“ ٻيڍڙيءَ راڄا کي آسيس ڏني ۽ چيو، ”تنهنجي راڄ ۾ سکر
ندو. هاري ناري خوش هوندا.“
راجا راڻي ۽ جوان راڄ محل ۾ آيا. چوڌاري خوشيون ڇانئجي ويون.
يون ۽ پرجا ڏاڍي خوش ٿي. راڻيون ننڍي راڻيءَ سان ياڪر پائي
يون. هنن جي اکين ۾ آنسون هئا. جيڪي پريم جا آنسون هئا.
راڻين، داس ۽ داسين راڻيءَ لاءِ هڪ ڪمرو اهڙو سجايو جڻ هنن جي
ڳ جي رات هئي. راجا ۽ راڻي ڪمري جي اهڙي سندر سجاوٽ ڏسي
ڙا ٿي ويا. راجا ۽ راڻيءَ رات ڏاڍي آنند ۾ ماڻي. ٻئي خوش هئا.
ي جيڪا ٻن سالن کان پريم جي اُڃايل هئي. اُن ڏينهن آنند ماڻيو.
ٽي ڏينهن تي راجا جوان کي پنهنجو پٽ ظاهر ڪيو. راڻيون ۽ پرجا
ڏاڍيو خوش ٿيا. ڪجهہ سالن کان پوءِ راجا هن کي تخت تي وهاري
ٽي چت پهرايو. امان چيو، ”ٻارو ڏسو ايشور جا رنگ.“
ڪمنا چيو، ”سچ پچ شاديءَ کان پوءِ پتي پتنيءَ جو پريم انوکو آهي.
الن کان پوءِ راڻيءَ کي سچ پچ آنند آيو هوندو. هي ڪڏهن ڪڏهن
ويندا آهن ۽ اُن ڏهن ڏينهن کان پوءِ ايندا آهن تہ مونکي ڄڻ ڏهہ
محسوس ٿيندا آهن. اڪيلائپ محسوس ٿيندي آهي. گهٽو ڪري
ر نہ ويندا آهن.“
مان چيو، ”ايشور جي ليلا آهي جو هن استري ۽ پرش کي
ڪري دنيا ٺاهي آهي. پريم جي مهما اپار آهي. ايمان
نہ گهرجي. سڀني کي روزي روٽي ڏيندڙ پرماتما آهي.
ءِ کي محنت ڪرڻ گهرجي. ڀلائيءَ جو ڪم ڪندو رهجي.
جا اسين ٻچا آهيون. هو اسان جي پالنا ڪري ٿو.“

صبح جو سوير اُٿي هو نديءَ جي هن پر ويو. هن راڻيءَ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي. شام جو هن راڻيءَ کي ڳولهي لڌو. هن راڻيءَ کان معافي ورتي. راجا روئي ڏنو. راجا راڻيءَ کي هٿ جوڙيا ۽ چيو، ”مونکي معاف ڪر.“ راڻيءَ به هٿ جوڙيا. ۽ چيو، ”توهان منهنجا پتي آهيو. مون توهان کي معاف ڪري ڇڏيو.“ راجا چيو، ”محلات ۾ واپس هل. توڪانسواءِ محلات سڄو لڳو پيو آهي. ملڪ ۾ ڏڪر آهي. ماڻهو روٽيءَ لاءِ ٻاڏائي رهيا آهين. تون هلندينءَ ته سڪر ٿيندو وري به مان چوان ٿو مون کي معاف ڪر.“ راڻيءَ راجا کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ چيو، ”اڄ رات هت رهو. سڀاڻي صبح جو هلنداسين.“ راجا ها ڪئي. راجا غريباڻي روٽي کاڌي ۽ راڻيءَ جي هٿ جي پڪل کاڌي. هن کي عجيب سواد آيو. هو خوش ٿي ويو. هن راڻيءَ کي چيو، ”اهڙي سوادي روٽي مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به نه کاڌي آهي.“ راڻيءَ چيو، ”هن روٽيءَ ۾ پريم آهي ۽ محنت جي ڪمائيءَ جي روٽي آهي، جنهن ڪري اِها سوادي آهي.“ رات پٽ تي پتي پتني سمهيا ۽ جوان ٻاهر سمهيو هو. صبح ٿيو. هو راجا وٽ آيو. راجا کي پيري پيو. جوان کي راجا چيو، ”اسان کي اولاد نه آهي. تون اسان جو پٽ آهين. توکي اڳي هڪ ماءُ هئي هاڻي توکي ست مائرون ٿينديون. مونکي ست راڻيون آهن پر اولاد هڪ کي به نه آهي. تون اسان جو اولاد آهين.“ امان چيو، ”ڏسو ٻارو رنگيءَ جا رنگ. ڪيئن غريب جو ڀاڳ کلي ٿو. هو غريب مان راجڪمار بڻجي ويو. ايشور چاهي ته گدا کي شاهه بڻائي. شاهه کي گدا (فقير) بڻائي. ان ڪري ايشور کي ڏيائڻ گهرجي ۽ اُن جي پوڄا آراڌنا ڪرڻ گهرجي.“

صبح ٿيو ته ڳوٺ جا حشام ماڻهو جهوپڙيءَ جي ٻاهر بيٺا هئا. راجا راڻي وائڙا ٿي ويا. ماڻهن راجا ۽ راڻيءَ کي پرڻام ڪيو. ماڻهن چيو، ”اسان کي خبر پيئي ته توهان اسان جي ملڪ جا راجا ۽ راڻي آهيو. اسان تي مهر ڪريو. ڏڪر ڏاڍو آهي. اسان تي هن سال جي ڍل معاف ڪريو.“ راجا چيو، ”توهان کي هن سال جي ڍل معاف آهي. جيڪڏهن توهان کي اناج گهرجي ته شاهي گدام مان وٺي وڃو.“ ماڻهو ٻڌي ڏاڍو

ت ته ڪانه لڳئه.'' سسيءَ مان ماءُ جي ممتا ظاهر ٿي. جوان سسي
ن پريمڪا وٽ پهچي ويو. پريمڪا سسي ڏسي چيو، ''مان توسان
ي نه ڪنديس.'' جوان چيو، ''تو چيو، مون اُهو ڪم ڪيو.''
ڪريءَ تنهنتي چيو ته، ''جنهن ماءُ توکي پالي نپائي وڏو ڪيو. اُن
سسي لاهڻ ۾ دير نه ڪيئه ته منهنجي سسي لاهڻ ۾ توکي ڪهڙي
لڳندي. مون تنهنجي آزمائش ورتي ٿي چاهي.''
جوان هاٿي پڇتائڻ لڳو. هاڻي پڇتائڻ مان ڇا ورندو. ڏڏل ڪير ٽٽڻ
اپس ڪين ويندو.
لم تازو.

ماتا-پتا جي سوا ڪر تون پياري
جيون ڇڏيندءَ تنهنجي سنواري
ماتا-پتا جي شيوا سرڳ جو دوار کولي ٿي
بد نصيب ماڻهن جو نصيب کولي ٿي
انهن جي شيوا وئرت نه وڃي ٿي
اُنهن جي شيوا ڦل ڏئي ٿو
اڄ پيدا آشرم کلي ويو آهي
ته دکن جو دوار کلي ويو آهي.

ڪوپڙيءَ مان آواز آيو

هڪ جوان هو جنهن کي هڪ شاهوڪار سندر ڇوڪريءَ سان پيار ه
هو هن کي شاديءَ لاءِ زور پريندو هو پر هوءَ هر وقت ناڪار ڪندي هئي
هو هن کان پڇندو هو تہ توکي مونسان پيار تہ آهي نہ؟ هوءَ هر وقت
ڪندي هئي. جوان چيو، ”تون مونسان شادي ڇو نہ ٿي ڪرين؟ ت
تڪليف هجي تہ ڇڙ. مان اُن کي دور ڪريان. ڇا تنهنجا مائٽ راضي
آهن؟“ ڇوڪريءَ جواب ڏنو تہ اُها ڪا رنڊڪ نہ آهي. ڇوڪري چي
”توکي ٻڌائڻو ئي پوندو تہ تون شاديءَ لاءِ ڇو نہ تيار آهين؟ اڄ تہ توک
ٻڌائڻو ٿي پوندو.“ ڇوڪري ضد ڪيو.

ڇوڪريءَ چيو، ”مونکي ڇوڙ ڏکيو ٿو لڳي.“ ڇوڪري چيو، ”ڇ
مان ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. مان پنهنجي جان بہ ڏيڻ لاءِ تي
آهيان.“ ڇوڪريءَ چيو، ”تون جان ڏيئي ڇڏيندين تہ مان شادي ڪنه
سان ڪنديس؟“

ڇوڪري چيو، ”ٻڌاءِ تڪليف ڪهڙي آهي؟“ ڇوڪري شانت رهي
ڪجهہ سوچي رهي هئي. ڪجهہ دير کان پوءِ چيائين، ”تون پنهنج
ماءُ جي سسي آڻي ڏين تہ مان توسان شادي ڪنديس. ٻيءَ حالت ۾ نہ.

ڇوڪرو سوچ ۾ پئجي ويو. ڪجهہ وقت کان پوءِ دل ۾ سوچيائين
امان ٻڍي آهي. سخت بيمار آهي. اڄ نہ سڀاڻي مرڻي آهي. هوءَ الائ
ڪيترو وقت جيئري رهي. جيڪڏهن سسي لاهي ڏيندس تہ ڇا ٿيندو
منهنجي زندگي سڌري پوندي. هوءَ پريمڪا مونکي پياري آهي. سهڻ
آهي. شاهوڪار آهي. هن پڪ ڪئي تہ ماءُ جي سسي لاهي آڻي ڏيندس
۽ پيار جو ثبوت ڏيندس تہ مونکي توسان ڪيترو پيار آهي.

ماتا گهري ننڊ ۾ هئي. جوان تلوار سان ماءُ جي سسي لاهي ڇڏي
سسي ڪٽي ٻڪندو ٻڪندو پنهنجي پريمڪا ڏانهن ويو ٿي تہ رستي ت
پٽر جي ٺوڪر لڳس ۽ ڪري پيو. ڪوپڙيءَ مان آواز آيو. ”پٽ ڪٿ

هن جي آزين نيزارين هٿي هنڊ ڪيو.

ڀڳوان هن جي ٻڌي پڪار
ڪيو ڪم هن جو ساڪار

ڀڳوان هن کي چوايو. تنهنجو اُهو ئي نسخو برابر آهي. 'وڻ انجڙين جو جلاب.' هو وائڙو ٿي ويو. هن وري بہ ڀڳوان کي دل و جان سان ٻاڏايو. ڪرتار هن عورت کي ٻچڙو ڏي جيڪو هن جو نالو روشن ڪري ۽ هنن جي گهر جو ڏيئو روشن ڪري. مان تنهنجي آسري هنن کي چوان ٿو. 'وڻ انجڙين جو جلاب' گهر جا ڀاتي روئي رهيا هئا. هو سمجهن پيا تہ شايد هي جوتشي ڪا دوا ناهي رهيو آهي. هو اندر ليئو پائي ڏسن ٿا تہ ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويٺو آهي. هو اُٿيو ۽ ڪمريءَ ۾ آيو.

هن ماڻهن کي چيو، ''ڀڳوان جي وچي آراڌنا ڪريو. پريو توهان جو ڪارج راس ڪندو. ان عورت کي انجڙين جو جلاب ڏيوس.'' گهر جا ڀاتي وائڙا ٿي ويا پر هنن ست وچن چيو. وري بہ جوتشيءَ چين، ''ڪم پريو ڪندو. مونکي ڪابہ طاقت نہ آهي ۽ نہ وري انجڙين ۾ ڪا ڪرامت آهي.''

ڪم ڪندڙ ديالو داتا آهي.
بيواهن جو وسيلو هو آهي
دکايلن جا درد دور ڪرڻ وارو آهي
وشواس جو ٻيڙو پار ڪرڻ وارو آهي.

هو بہ وشواس رکي گهر پهتا. دائيءَ پڇيو تہ، ''جوتشيءَ ڇا چيو؟ ڪهڙو ڏس ڏنائين؟'' گهر جي ڀاتين چيو، ''هن چيو، 'انجڙين جو جلاب ڏيوس' تہ ڪم راس ٿيندو.'' عورت جي وات مان رڙ نڪري ويئي. ''اٽا'' انجڙين جو جلاب' بس رڙ ڪرڻ جي دير هئي. ٻالڪ ٻاهر اچي ويو. سڄي گهر ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. دائيءَ سيني کي ڀاڪيون ڏنيون. ڇڪو ڄائو آهي. گهر ۾ آنند منگل ٿي ويا.

جوتشيءَ جا شڪرانا مڃڻ، هن کي مٺائي ڏيڻ ۽ هن کي ڪجهہ دکشڻا ڏيڻ لاءِ هن جي گهر ويا. جوتشيءَ کي هنن خوشخبري ٻڌائي تہ ڇڪو

وٽ انجڙين جو جلاب

امان ڳالهہ ڪندي هئي تہ هڪ ڳوٺ ۾ هڪ جوتشي رهندو هو. هن
ناماچار ڏاڍو ڦهلجي ويو. ڪيترائي ماڻهو هن وٽ ايندا هئا. اُنهن
ڪم راس ٿيندا هئا. هن وٽ هڪ علاج هو. 'وٽ انجڙين جو جلاب' ه
ڪي پرماتما ۾ اٽل وشواس هو. هو چوندو هو تہ، ''ڪم ايشور ٿو ڪر
نالو منهنجو ٿو ڪري. مونکي ڪهڙي طاقت آهي جو مان علاج ڪر
سگهان؟ 'انجڙين جي جلاب' ۾ ڪهڙي شڪتي آهي؟''

پرماتما جي مهر مونتي آهي
هو ديالو داتا آهي
منهنجا ٿو ڪارج سنواري
منهنجو ٿو نالو ڪرائي

هڪ ويم واريءَ عورت کي دائيءَ ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ٻار ڄڻائ
پر هن جي ڪوشش اجائي ويئي. عورت سور کان چلائي رهي هئي.
وقت کي وڏا ڊاڪٽر يا اسپتالون ڪونہ هيون. ڪنهن ماڻهوءَ گهر وار
کي چيو تہ، ''اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ جوتشي رهي ٿو، اُن وٽ وڃو من
ڪم راس ٿي وڃي.'' دائيءَ بہ چيو، ''نالو مون بہ ٻڌو آهي. توهان
وٽ وڃو. مونکان ڳالهہ ڳري آهي.''

گهر جا ڀاتي اُن جوتشيءَ وٽ آيا. هنن سموري ڳالهہ جوتشيءَ ک
ٻڌائي. جوتشيءَ چيو، ''مان ڇا ٿو ڪري سگهان. اِها ڳالهہ منهنجي و
جي نہ آهي.'' گهر جا ڀاتي ويهي رهيا. ''اسين گهر مان ڪ
ويندا سين.'' ويچارو اچي ڦاٿو. هو ايشور کي ٻاڏائڻ لڳو. گهرجي اڏ
ويو. پريوءَ جي مورتيءَ اڳيان وڃي رنوءَ پريوءَ کي آزيون نيزايون ڪيو

پريو آءٌ آهيان تنهنجي سهاري
هٿ ٻڌي وينتي ڪريان سڻ تون پياري
مان بيوس روئي وينتي ڪريان ٿو
جيئن تون چوائين تيئن ڪريان ٿو

سس ڙي سس! تو ۾ نہ آهي رس

سنڌ ۾ ڪيترا ماڻهو ڇوڪرين کي ننڍپڻ ۾ شادي ڪرائي ڇڏيندا
ا. ماڻهن جا اهڙا ويچار هئا. ”ڇوڪري آهي پرائي امانت. انڪري
ن کي جلد پرڻائي امانت ڏٺيءَ کي پهچايون يعني شادي ڪرايون.
اٽيءَ جي شادي ڪرائي يعني گئودان ڪئيسين ۽ گنگا جو اشنان
يوسين. ڏيءَ يا ڀيڻ پرڻائيسين معنيٰ مٿي کان وهاڻو. يعني آرام
ي ننڊ ڪئيسين.“ ننڍپڻ ۾ شادي ڪِرائڻ ڪري ڪن جو پتي ننڍيءَ
ر ۾ گذاري ويندو هو تہ هوءَ ٻال وِڌوا بڻجي ويندي. ويچاريون نياڻيون
چي نہ سگهنديون هيون. هنن سهاڳ جو سک ماڻيو ئي ڪين. وري بہ
يل ڪتنب هئا جنهنڪري هنن جي قياس جهڙي حالت نہ هئي. هن
عزت سان رکندا هئا. پر سهاڳ جي سک کان تہ محروم رهندي
ي. مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين ڪيترن هلچل هلائي ۽ ماڻهن کي سمجهايو
ڪي قدر ننڍپڻ جي شادين جو انداز گهٽيو.

هڪ ڇوڪري هئي. هن جو نالو نيلم هو. هن کي سڀ ’نيلو‘ ڪري
ندا هئا. هن جي عمر لڳ ڀڳ ڇهہ سال هئي. هن کي شادي ڪرائي
ي. جمنا چيو، ”امان، ڇهن سالن جي ڇوڪريءَ کي شادي ڪرائي
ي، اهو تہ ائين ٿيو جيئن گُڏي-گُڏيءَ جي شادي.“ امان چيو،
س ائين ئي سمجهہ. گُڏي-گُڏيءَ کي ساهہ نہ آهي پر هنن کي ساهہ
ي.“ ڇوڪري جي عمر لڳ ڀڳ ڏهہ سال هئي، هن جو نالو نرمل هو.
ي بہ چار پنج ڪلاڪ هلندي هئي. جٺ هئي سراسر جٺ. پر ڪچي
ر؟ ڇوڪري خوش هئي ڇاڪاڻ تہ هن کي سينگاريو ويو هو. هن کي
ٽا ۽ نوان وستر پهرايا ويا هئا. هن جو گهوٽ بہ هن وانگر سهڻو ۽
دڙ هو. نيلوُ ڄڻ اپسرا لڳي رهي هئي.

ڇائو آهي. توهان جي ’وٽ انجڙين جو جلاب‘ ڪرامت ڪري ڏيکاري. انجڙين جو جلاب ڏيٺو ئي نہ پيو. انجڙين جو جلاب ٻڌڻ سان ڪنوار جي وات مان رڙ نڪري ويئي ۽ ٻالڪ ٻاهر اچي ويو. اسان تہ اڄ قدرت جو ڪرشمو ڏٺو. سچ پچ اسان هتان توهان وٽان وياسين. سڄي وات ايشور کي ياد ڪندا وياسين. رستي تي ٻي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ ڪونہ ڪئيسين.

جوتشي چيو، ”ڪم ڪندڙ ڪرتار آهي. هن جي ڪرپا گهرجي. ڪم هو راس ڪندڙ آهي. وري بہ ايشور جا شڪرانا مڃيو.“ هو منائي ۽ ڪجهہ دڪشٽا هن کي ڏيئي ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ هن ايشور کي ياد ڪيو. اڄ توهان منهنجي پت رکي آهي. پريو تون ئي منهنجو آسرو آهين. تون ئي منهنجا ڪارج راس ڪرين ٿو نہ تہ مونکي ڪابہ طاقت نہ آهي. انجڙين ۾ ڪرامت تون وجهين ٿو. پرماتما مان توهان جو جس ڪهڙو ڳائي ڪهڙو ڳايان. تون ئي منهنجو آڌار آهين.

امان چيو، ”ڏٺو ٻارو، انجڙين جي جلاب جي ڪرامت تہ آهي پر ايشور جي ڪرپا آهي. انڪري چوندا آهن تہ جيڪي ايشور کي ڏيائين ٿا من جون مرادون پائين ٿا. وشواس جا ٻيڙا پار آهن.“

نٿي پڄي ويندي هئي. گهوٽ هن جي پُٺيان پوندو هو ۽ حرڪتون
ڪندو هو. ٻئي کل مشڪري ڪندا هئا. ٻنهي کي مزو ايندو هو. اِهو ڇڻ
نن جي روز جو نيم بڻجي ويو. گهر ۾ ويٺل سس باغ بهار ٿي ويندي
ئي.

هڪ ڏينهن نيلوءَ گهوٽ کي پپيءَ جي بدران ڳل تي چڪ پاتو. چڪ به
هڙو پاتو جو ڳل تي ڏندن جا نشان چِپجي ويا. نرمل کي ڏاڍو سور ٿي
هيو هو. هو روئندو روئندو ماءُ وٽ دانهن کڻي ويو. ماڻس چيس ته،
تون به چڪ پائينس ته خبر پويس ته چڪ ۾ ڪيترو سور ٿو پوي؟''
رمل چيو، ''امان، مان چڪ نه پائيندس. هوءَ ته منهنجي راڻي آهي.
اڻي سهڻي شهزادي آهي. جيڪڏهن چڪ جا نشان رهجي ويس ته هن
ي سونهن ئي گم ٿي ويندي.'' اُهو ٻڌي نيلو ڏاڍو شرمسار ٿي. هوءَ
يءَ کي ڀاڪر پائي زور زور سان روئي رهي هئي ۽ چئي رهي هئي.
مونکي معاف ڪريو.'' ٻئي هڪ ٻئي جي ڀاڪر
هئا. ماءُ ٻنهي کي شانت ڪرايو. نرمل چيو، ''مون توکي معاف ڪري
ڏيو. اڳتي اهڙي حرڪت نه ڪجِ.'' سس هنن جو اهڙو پريم ڏسي
ي پئي.

وقت گذرندي دير نٿي لڳي. نيلو ڏهن سالن جي ٿي ويئي. سس هن
چيو، ''تون ڏهن سالن جي ٿي آهين. متي تي رئو رک. سهرو اچي
منهن ڍڪ. گهوٽ ڪري ته اسان وٽ مرد گهٽ ايندا آهن. اچن ته
ن کان مُنهن ڍڪڻو. نرمل جا دوست اچن تڏهن به مُنهن ڍڪڻو. گهوٽ
ري اُنهن جي سامهون نه وڃڻو. زالن جي اچ وڃ رهندي آهي. وڏيون
ون زالون اچن ته اُنهن کي 'اَمان' چوڻو ۽ پيري پوڻو آهي. آشيرواد
ديون. ٻين کي ڪن کي دادي، ڀاڀي چوڻو. توکان عمر ۾ وڏيون
ن ته پيري پوڻو. مونکي سس نه چوڻو 'امين' چوڻو. سهري کي پلي
ا ڪري چئه. گهوٽ ڪري وات مان سهرا اکر نه ڳالهائڻو. توهان ڪري
و آهي. مونکي به توهان ڪري چئجِ. تو کان وڏيون جيڪي اچن جن

شادي ڏام ڌوم سان ٿي. (اڳي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ لاءِ ڇوڪري
وارا ڇيڄ ڪٽي ويندا هئا. ڇيڄ جو سوانگ ڪنواريتا ڪندا هئا.) ڇوڪري
شادي ڪري ساهري گهر آئي. ساٿ سوڻ ڪيا ويا. هوءَ ننڍي هئي
جنهنڪري سس هن کي پاڻ سان سمهاريو.

ٻئي ڏينهن تي گهوٽ ڪنوار سان مستي ڪرڻ شروع ڪئي. هن کي
ڳل تي پپي ڏيڻ، ڳل پٽڻ، ڳل تي ٺڦڪي هڻڻ ۽ ڪِتِ ڪِتاڙي ڪرڻ
وغيره اِها هن جي روزاني ڪار هئي. ڏينهن ۾ ڪيترائي دفعا ه
حرڪت ڪندو هو. ڪنوار ناراض ٿيندي هئي. هن کي اِها ڳالهه ن
وڻندي هئي هن کي غصو لڳندو هو. هوءَ سس سهري کي چوندي هئي
هو کلندا هئا. پر پٽ کي ڪجهه به نه چوندا هئا.

هڪ ڏينهن هن سس کي چيو، ”سس ڙي سس! تو ۾ نه آهي رس.“
سس اُهو ٻُڌي کلي رهي هئي. هن چيو، ”تون ڪنوار ائين ڇو ٿي
چوين؟“ ڪنوار چيو، ”سس مان توهان کي گهوٽ جي لاءِ روز شڪايت
ٿي ڪريان ته مونکي ماري ٿو. ڏک ٿو هڻي، تنگ ٿو ڪري، ڳل ٿو
پٽي، پپي ٿو ڏئي، تڏهن به توهان هن کي ڪجهه به نٿا چئو. توهان
ٻئي سس-سهرو کلو ٿا. تڏهن ته مان چوان ٿي، سس ڙي سس! تو ۾ نه
آهي رس.“

سس مشڪي ڪجهه دير چپ رهي. هن چيو، ”هڪ ڳالهه چوانءِ ٿي
جيئن هو ڪري تيئن تون به ڪر. پلي هو دانهن ڪٽي اچي. هو هڪ
پپي ڏئي ته تون به ڏينس. هو ڳل پٽي ته تون به پٽيس. پوءِ ڏس اُنجو
مزو.“ ڪنوار چيو، ”مان به ائين ڪريان؟“ سس چيو، ’ها‘. امان چيو،
”ٻاراٽي ٻُڌي هئي. پوري سمجهه نه هئي. سس سياڻي هئي.“ هوءَ ب
ائين ڪرڻ لڳي. گهوٽ وڏيڪ خوش هو. هن کي حرڪت ڪرڻ ڏيندو
هو. ڪڏهن ته هو هن کي گهر ۾ ڊُڪائيندو هو. گهر جو ايوان
وڏو هو. هو آهستي ٿي ويندو. هو ائين ڏيکاري ڏيندو ته ٿڪجي پيو
آهي. هوءَ موقعو وٺي هن کي به ٿي پپيون ڏيندي هئي ۽ زور سان ڳل

ئي تہ عمل ڪندي هئي. گهر جو ڪم ڪار خوشيءَ سان ڪندي هئي.
اندڪائيءَ جو وقت نرمل سان گهاريندي هئي. نرمل ٿورو وقت دڪان
ويندو هو. هن نرمل کي چيو، ”توهان دُڪان تي وڌيڪ وڃو. پتا کي
ڪان تي مدد ڪريو. واندڪائيءَ جي وقت ۾ ٻالهيون ٻولهيون بہ
ريو. ڏاڍو مزو ايندو. بابا جن بہ خوش ٿيندا.“

نرمل مڃيو. هو وڌيڪ دير دُڪان تي ويندو هو. نرمل ۾ ايترو ڦيرو
ي پتا ڏاڍو خوش ٿيو. نرمل پتا کي ٻڌايو. ”اهو ڦيرو نيلوءَ ڪري
و آهي. هن مونکي موڪليو تہ توهان دڪان تي وڌيڪ دير وهو. توهان
ڪان تي ڪم ڪريو تہ بابا جن کي خوشي بہ ٿيندي ۽ راحت بہ ٿيندي.
نئر توهان ٻار نہ آهيو.“ مون بہ سوچيو، نيلو چوي برابر ٿي ۽ مون اڄ
عمل شروع ڪيو.

پتيءَ کي نيلو سڄ پچ ڏاڍو پيار ڏيندي هئي ۽ نرمل بہ ڪيس پيار
ندو هو. رات جو نرمل ايندو هو تہ ڏاڍو ٿڪل هوندو هو. نيلو هن کي
ڏيندي هئي. مٿي تي زور ڏيندي هئي ۽ پيار ڀري ٿڦڪڙي هٽندي
ي. نرمل بہ حرڪت ڪندو هو. نرمل کي ننڊ اچي ويندي هئي تہ
و هلي ويندي هئي سس وٽ. سس-سهرو هن جو ايترو بدلاءُ ڏسي
و خوش ٿيندا هئا.

نيلو ٻارهن سالن جي ٿي تہ هن کي ماهواري آئي. گهر ۾ خوشيءَ
لهر ڇانئجي ويئي. نيلو هينئر سماڻي آهي. هاڻي نرمل جون
يون رنگين ٿينديون. ٻئي خوش ٿي شاديءَ جو سچو آنند ماڻيندا.
-پاس، مٽن-مائٽن سيٽن کي خوشخبري ٻڌائي ويئي. سڀ خوش
هوءَ سورهن سالن جي لڳي رهي هئي. هوءَ جوان لڳي رهي هئي.
ڇهين ڏينهن گهر ۾ پارٽيءَ جو پروگرام، مٽ-مائٽ، سيٺ-سيٺڻ،
دوست آيا. سڄي گهر ۾ خوشيءَ جي لهر هئي. هرڪو واڌايون
رهيو هو. چڻ شادي اڄ هئي. سيٺ وڳن جي پيتي، ٻيون ڪيتريون
۽ مٺائي وغيره کڻي آيا. گهوٽ جي ماءُ ڏاڍو خوش هئي. سيني

سان تون ٻالهائين. اُنهن سان توهان ڪري ٻالهائڻو. گهوٽ کي ’تون‘
ڪري نہ ڇَوڙو. اُن کي توهان ڪري ڇوڙو آهي. گهوٽ آهي عمر ۾ بہ
وڏو آهي. گهوٽ جو پد بہ اوچو آهي. ڪجهہ ڏينهن تڪليف ٿيندي.
پوءِ آهستي-آهستي هِري ويندينءَ. تنهنجي وات مان ازخود لفظ
نڪرندا. چنتا يا خيال نہ ڪرڻو آهي. پل ٿي وڃي تہ اُن لاءِ سوچڻو نہ
آهي. اڳتي نہ ڪريان تہ سُنو. ٻين جي سامهون گهوٽ سان مشڪري نہ
ڪرڻي آهي. مان نرمل کي بہ جهلي ڇڏيندس. گهر جو ڪم ڪار بہ
تون ڏاڍو سنو ڪندي آهين. توکي شاباس آهي. اسانجي اندر ۾ تہ
پڪجي ويئي آهين. مان پاڻ کي نصيب واري سمجهندي آهيان جو تو
جهڙي سهڻي ۽ سلڇڻي ننهن ملي آهي. تنهنجو سهرو تہ تنهنجي ڏاڍي
ساراهہ ڪندو آهي. سهرو جڏهن دڪان تي وڃي تہ اُن کي پيري پوڻو
آهي.`` ننهن اُن وقت اُٿي بيهي. مٽي تي رئو رکي سس کي پيري
پيئي. سس اُهو ڏسي سمجهي ويئي تہ ننهن ۾ سمجهہ پڻ آهي. هوءَ
گد گد ٿي ويئي.

نيلو آئي-وئي کي مانُ ڏيندي هئي. آسپاس جون زالون هن جي
ساراهہ مان ڍاپنديون نہ هيون. نيلوءَ سيني ٻالهين جو عمل شروع ڪري
ڇڏيو. گهوٽ کي بہ هوءَ توهان ڪري چوندي هئي. پيڪا بہ هن جي
اهڙي هلت ڏسي داد ڏيڻ لڳا. هوءَ پيڪن ۾ بہ توهان ڪري ٻالهائيندي
هئي. ايترو ڦيرو ڏسي هو سوچڻ لڳا تہ هيتري ننڍڙيءَ عمر ۾ ايڏو
ڦيرو. هوءَ سچ پچ جوان لڳي رهي هئي. ايشور سونهن ڏني هئس
سيرت ڏني هئس.

سس-سهرو نيلوءَ جو پورو خيال رکندا هئا. هوءَ هنن جي ٻڍاپي جو
آڌار بڻجي سگهي تنهن لاءِ گرم کاڌا ۽ طاقتي کاڌا کارائيندا هئا. جيئن
هوءَ جلد جوان بڻجي وڃي. ڪنوار چئہ تہ جي ’امين‘ جي ’سهرا‘ جنهن
جو آواز اُن کي اُن جو جواب. اِهو تہ هن کي سس ڪونہ سيکاريو. سس
تعجب ۾ پئجي ويئي. هوءَ ڪجهہ ٻڌندي هئي تہ سکندي هئي. سڪندي

پوءِ ساري عمر پيو وهندو
سهڻي سيجا تي ڪنوار سمهندي
سهاڳ جي رات ماڻيندي
گهوٽ ماءُ خوش ٿيندي
سيني ڪي واڌايون ڏيندي
نچو نچو خوب نچو
ڇير پائي نچو
لاڏيءَ کي ميندي جا سونهندي
سينگار آهي جوڙ ملايو
لاڏا ڳايو
لاڏيءَ کي چوڙيون جو سوهنديون
ڪنگڻ آهي جوڙ مِلايو
لاڏا ڳايو
لاڏيءَ کي ڇير جا سوهندي
نچڻ آهي جوڙ ملايو
لاڏا ڳايو.

دهل تي ڏونڪو وڄي رهيو هو. ٿالهہ تي جهنڪار جو آواز اچي رهيو
زالون نچي رهيون هيون. ڪي جوانڙيون ۽ هڪ وچولي عمر جي
وار کي نچڻ لاءِ ياڪر ۾ ڪٽي آيون ۽ نچڻ لاءِ چيو. ڪنوار نچڻ
ع ڪيو. ڪنوار جي بہ دل هئي تہ نچان. ڪنوار نچي رهي هئي.
نچي رهي هئي. سڀ هن جي نچڻ جي ساراهہ ڪري رهيا هئا.
گهوٽ ماءُ کي خوب خوب واڌايون ڏنيون ۽ چوڻ لڳيون.

ڏسو لاڏي ٿي نچي،
گهوٽ ماءُ بہ ٿي نچي

هوت کي پڪڙي وٺي آيا ۽ هن کي بہ نچائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳيون.

ڪنوار ٿي نچي شهزادي ٿي نچي

ڪي سيٽن جو ڏنل ڏيکاري رهي هئي. سنڌ ۾ ڏيکارڻ جو رواج هو. سڀ ڪيس واڌايون ڏيئي رهيا هئا. نيلوءَ کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي ته هي سڀ ايترو خوش ڇو آهن؟ منهنجا پيڪا هيترا ڪپڙا، شيون ۽ منايون ڇو کڻي آيا آهن. هيڏو پروگرام ڇو رکيو ويو آهي؟ هن کي سينگاريو ڇو ويو آهي؟ نوان ڪپڙا، ڳهه پيل هوءَ سچ پچ اچ، ڪنوار لڳي رهي هئي. نرمل خوش هو. چاچاڻ ته هن کي سڀ خبر دوستن ۽ جوان مائٽن وٽان حاصل ٿي هئي. پر نيلو بي خبر هن کي ڪنهن ڪجهه به نه ٻڌايو هو. هوءَ سوچي رهي هئي ته سڀ منهنجي سس-سهري ۽ منهنجن پيڪن کي واڌايون ڏيئي رهيا آهن. اُن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ مونکي هيترو ڇو سينگاريو ويو آهي؟ هڪ جوان هن جي ساهرن جي مائٽ هن وٽ آئي ۽ هن کي واڌايون ڏنيون ۽ چيو، 'سهاڳ جي رات' جون ايڊوانس ۾ واڌايون ۽ هن جي ڳل تي ٺڪڪي هڻي هلي وئي پر تڏهن به هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو ته هو هيترو خوش ڇو آهن؟

رات جو گهر ۾ آسپاس جون زالون، ڪي ويجها مٽ-مائٽ خاص ڪري زالون ڪي وڏيءَ عمر جون، ڪي وچولي عمر جون ۽ ڪي ننڍيءَ عمر جون پر سڀ هن کان وڏيون هيون. سس نيلوءَ کي اشارو ڪيو. هوءَ سڀني کي پيري پيئي. ڪي زالون اڳ ۾ به آيون هيون اُنهن کي پيري پيئي. سڀني ڪيس آسيس ڏني ۽ هن جي نماڻائيءَ جي ساراهه ڪئي ۽ گهوٽ ماءُ کي خوب واڌايون ڏنيون.

هڪ ڍُهل آندو ويو. هڪ ٿالهه آندو ويو. ڍُهل تي ڏونڪو لڳو. ٿالهه تي جهنڪار ٿي ۽ نچڻ شروع ٿي ويو. زالون خوشيءَ ۾ نچي رهيون هيون ۽ ڳائي رهيون هيون ۽ ٽپي رهيون هيون.

لاڏا ڳايو. شاديءَ جا لاڏا ڳايو.

لاڏي لاڏي آندي

سهڻي شهزادي آندي

لاڏو لاڏيءَ سان موچ ماڻيندو

نهنجي گهر ويون.

سس ننهن کي چيو، ”تون هاڻي سچ پچ جوان آهين.“ سس ڪنوار
ي هڪ روم ۾ وٺي ويئي ۽ هن کي ڪن ۾ ڪجهه چيو. اُهو ٻڌي
ڪنوار وائڙي ٿي ويئي. نيلوءَ سس کي چيو، ”ائين ٿيندو آهي ڇا؟“
سس چيو ”ان کي ئي تہ ’سهاڳ جي رات‘ چوندا آهن. ڏاڍو مزو
يندو آهي. ٻنهي کي مزو ايندو آهي. تون هاڻي جوان آهين.“

سس، ڪنوار کي هڪ تازي شادي شده سان گڏ سينگاريل ڪمري ۾
وڪليو. ڪنوار کي هن منهن ڏيکڻ لاءِ چيو. پوءِ ٺهڪ ڏيندي ٻاهر
ڪري ويئي. نيلو سينگاريل ڪمرو ۽ سيجا ڏسي وائڙي ٿي ويئي.
ينهن جو جنهن هن کي ميندي لڳائي هئي ۽ ميندي بہ پيئي لڳائي تہ
ن سان پريم ڀريون ڳالهيون بہ پيئي ڪري ۽ شاديءَ جو احوال بہ
يئي ٻڌائي. باقي رهيل هو اُهو سس پورو ڪيو. هن کي هاڻي سمجهہ
آيو تہ هيتريون خوشيون ڇو ڪري رهيا هئا.

امان چيو، ”اڃا ڇاڻ گهٽ هئي. مائٽ شاديءَ وقت ٻڌائيندا هئا.
اص ڪري شاديءَ کان بہ-ٽي ڏينهن اڳ اهنر (ڇوڪري کي) ۽
نرياڻي (ڇوڪريءَ کي) ٻڌائيندا هئا.“

نرمل آيو. هن ڪنوار جو منهن کوليو ۽ چيو، ”اڄ مهاسندر لڳي رهين
ئين. راجڪماري لڳي آهين پر تون منهنجي راڻي آهين.“ بادامين،
ٽن ۽ ڪاڄن وارو کير ٻنهي پيتو. پهرين نرمل پيتو ۽ پوءِ نيلوءَ پيتو.
يتري دير تائين پريم ڀريون ڳالهيون ڪيون ۽ پوءِ سهاڳ رات جو
ند ماڻيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنوار وهنجي نوان وستر پائي سس سهري ۽
سيني کي پيري پيئي. سڀ هن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. هوءَ اڄ
ڪا نہ لڳي رهي هئي. هوءَ ’جوان ڪنوار‘ لڳي رهي هئي. اڄ هوءَ
هن سالن جي لڳي رهي هئي.

سس هن کي پاسيرو وٺي ڪن ۾ ڪجهه چيو. هن سس کي جواب ڏنو،

ننڍڙي ڪنوار تي نچي، ننڍو گهوٽ بہ تو نچي
جوڙي ڏاڍي سني آهي، ڏاڍي وٽي پئي.
ڏاڍي مؤج آهي ۽ ڏاڍي مستي آهي
ڏسو گهوٽ ماءُ تي کلي
بيشرم گهوٽ پيءُ بہ تو کلي.

اڇا بينو آهي. اندر نٿو وڃي. ڪاڪو اندر هليو ويو. هو اندر ئي هو. هو بہ منت ٻاهر نڪتو هو. اِهي ٻالهيون شاديءَ ۾ ٿينديون هيون. مرد نہ هوندا هئا تہ گارين جو وسڪارو هوندو هو. ڪل ۽ ٺهڪڙو هوندو هو. پر هت ننڍڙي ڪنوار هئڻ ڪري اهڙيون گاريون نہ هيون.

وري دهل تي ڏونڪو لڳو

سهڻو موقعو آيو آهي
گهوٽ ماءُ گهرايو آهي
گهوٽ ماءُ مال ڪارائيندي
پاڻي شربت پيارينديدي

گهوٽ ماءُ جو آواز آيو
گهوٽ ماءُ ڇو نہ ڪارائيندي
خوشيءَ سان ڪارائيندي
سهڻو موقعو آيو آهي
سهڻي ڪنوار آئي آهي.

گهوٽ کي چيائون تہ ڪنوار کي هٿن کان وٺي ڦيراٽي ڪاراءِ ۽ چيائون تہ ڦيريون پايو. پيرن سان پير ملايو. هن ڪنوار کي ڦيراٽي ڪارائي. ڪنوار ڪرڻ تي هئي تہ گهوٽ هن کي پاڪر پاتو ۽ هوءَ ڪِرڻ کان بچي ويئي. سيني زور زور سان تاڙيون وڄايون. ڇوڏاري خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. ڪنوار بہ خوش هئي پر شرم ۾ اُتان هلي ويئي ۽ وڃي پنهنجي استان تي ويٺي. ڏاڍو مزو هو. زالن خوب لاڏا ڳايا. خوب مؤج مچائي. گهوٽ ماءُ سيني کي وات مٺو ڪرايو. زالون سڀ ساراهہ ڪنديون

هڻو شؤنق نہ هو. هوءِ پرين جي آڪاڻين ٻڌڻ جي شونقين هئي. ڪڏهن
ڪڏهن امان ٻڌائيندي هئي. جمنا جي گذاري وڃڻ ڪانپوءِ آڪاڻين جو
لسلو پورو ٿيو. ٽيڪل کي شادي ڪرائي ويئي. جمنا هن کي مٿائي
وءِ ئي گذاري ويئي. هن کي اُها چنتا هئي تہ متان ٻارن جي ڪري
ٽيڪل جي شادي منهنجي گهوٽ سان ڪرائين. منهنجي شاديءَ ڪان
وءِ آڪاڻيون ٻڌائيندي هئي پر گهٽ. ٻن سالن ڪان پوءِ وڏو نياڻو اسان
ي گهر گذاري ويو. امان جو ايشور ۾ اٽل وشواس هو. ڪرمن کي
جيندڙ. دک سک ڪرمن جو ڦل آهي. منهنجي شاديءَ ڪانپوءِ ننهن جا
ڪہ، پوٽن ۽ پوٽيءَ جا سک ڏنا. آنند ۾ جيون گذاري ۽ ايشور کي ياد
ندي ڪندي پران تياڳيا.

”توهان گهڻا چالاڪ آهيو. توهان چالاڪي ڪري اسان کي نانيپڻ ۾ ئي پيار ڪرڻ سيکاريو. توهان اسان کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان وڙهائيندا هئا پر اُن ۾ مزو هوندو هو. مونکي سڄي ڳالهہ جي خبر رات پيئي مون جيڪي توهان لاءِ اڳي ڪجهہ چيو هو اُهو معاف ڪجو. مان هينئر ائين چوندس،

سس ڙي سس، تو ۾ آهي رس.
تو ۾ آهي رس. تو ۾ آهي جس.

امان چيو، ”سنڌ ۾ ننڍپڻ ۾ شاديون گهٽيون ٿينديون هيون. ننڍپڻ ۾ شادي ڪرائڻ نہ گهرجي. ڇوڪري گهٽ ۾ گهٽ سورهن سالن يا ارڙهن سالن جي ٿئي تڏهن ئي شادي ڪرائڻ گهرجي.“ جمنا چيو، ”امان، ننڍي ڪنوار کي سس ڪن ۾ ڇا چيو؟“ امان چيو، ”جمنا، توکي بہ تنهنجي وڏي ڀيڻ ڪن ۾ ٻڌائيندي. شاديءَ کان هڪ ٻہ ڏينهن اڳ۾.“ جمنا شرمائجي ويئي. مان ڪلي رهيو هوس. جمنا چيو، ”لُچا، تون ڪلي رهيو آهين. اچ، منهنجي هٿ ۾.“ مان ويجهو ويس ۽ چيومانس،”آيو آهيان. ڇا ڪندينءَ؟ مارينديءَ؟“ جمنا چيو، ”ڀائو، توکي ڪيئن مارينديس؟ تون بہ منهنجو ننڍڙو ڀائو آهين.“ جمنا مونکي ’ڀائو‘ چوندي هئي. مان ڪيس گهڻو ئي سمجهائيندو هوس تہ مان ننڍو آهيان. مونکي ’ڀائو‘ نہ چئو. پر هوءَ چوندي هئي تہ، ”مان چونديس، مان چونديس منهنجي مرضي.“ هن چيو، ”تنهنجي چيڙائڻ جو حساب ڪتاب مان تنهنجي زال کان وٺندس. ڏسجانءِ تہ ڪيئن ٿي مزو ڪرايانس.“ مون چيو، هن کي مارينديءَ؟“ جمنا چيو، ”هن کي تمام گهڻو پيار ڏيندس. هن کي پيار پريو ڀاڪر پائيندس، پپي ڏيندس. دلجاءِ ڪر.“

قلم تازو : هوءَ منهنجي شاديءَ کان اڳ ئي ايشور کي پياري ٿي ويئي ۽ هُن جا ارمان دل ۾ رهجي ويا. ڇهن سالن ۾ ٽن ٻارن کي جنم ڏيئي ٻار اسان کي سونپي ويئي. اُن جي ننڍي ڌيءُ ڇهن مهنن جي هئي. اسان اُنهن کي پاليو. منهنجي ننڍي ڀيڻ ٽيڪل کي آڪاٽين جو

والي اڇن اُهي خالي نہ وڃن. اُنهن کي دل گهريو دان ڏيئي سگهان!
وهان خدا کان پنو ٿا. مان بہ اُن کان ڇو نہ گهران جيڪو سڀني کي
يندڙ آهي. ان ڪري ڇوان ٿو توهان بہ فقير آهيو ۽ مان بہ فقير
هيان. فقير کان فقير ڪيئن بيک وٺندو؟ توهان کي هيرا گهرجن تہ
ن توهان کي ايشور کان وٺي ڏيئي سگهان ٿو. هو توهان کي ڏئي ٿو تہ
ونکي ڇو نہ ڏيندو. مون ڪهڙو گناهہ ڪيو آهي؟ جو مونکي نہ ڏيندو؟
هول کوليو.''

بادشاهہ کان پُڇڻ موڪلائي ويئي. هن جهول کوليو. وزير بادشاهہ کي
يو، ''هي توهان ڇا ٿا ڪريو. هڪ فقير کان بيک ٿا وٺو. دنيا ڇا
وندي؟'' بادشاهہ شرمسار ٿيو.

فقير کيسي ۾ هٿ وڌو. مُٺ ڀري هيرن جي ڪڍي اهڙي نموني
ڪ پريندو زمين تي رکندو ويو جو ڏسندي ڏسندي هيرن جو ڍڳ ٿي
و. بادشاهہ حيران ٿي ويو. هن وري بہ هيرن جي مٺ ڀري. ڇا ٿو ڏسي
هٿ ۾ هيرا نہ هئا. پٿر هئا. هيٺ ڏسي ٿو. هيرن جو ڍڳ لڳو پيو
ي. بادشاهہ فقير جي چرنن تي ڪري پيو.

فقير چيو، ''بادشاهہ! تون ڪنهن کي بہ ڪارائي نٿو سگهين. ڏيڻ وارو
ار آهي. ماڻهوءَ جو فقط نالو آهي.'' بادشاهہ اُٿي ئي بيٺو هو. ڏنائين
هيرا سڀ پٿر ٿي ويا. بادشاهہ وائڙو ٿي ويو. فقير چيو، ''سڀ فاني
. بانور ڪرڻ اجايو آهي.'' بادشاهہ وري بہ چرنن تي ڪري پيو. هن
، ''سچ پچ مونکي اڄ ايمان جاڳيو هو. توهان منهنجو ايمان دور
. مان خدا جو ٻانهو بڻجي راڄ ڪندس.'' سواري ٽورو اڳتي وڌي.
اهہ پٺيان نهاريو. ڏٺو تہ فقير اُتي نہ هو. نہ هيرا يا پٿر هئا.

مان چيو، ''ٻارو ڏيڻ وارو ڏاتار آهي. تنهنجو منهنجو نالو
. ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارو پرماتما آهي. اُن جو جس ڳائڻ
جي. پريوءَ کي ضرور ياد ڪرڻ گهرجي. محنت ضرور ڪرڻ
جي.''

تون بہ فقير مان بہ فقير، فقير کان بيک ڪير وٺندو؟

هڪ فقير هو يا درويش، ڪپڙا ڦاٽل ۽ ميرا هئس. جهنگل ۾ هڪ وڻ هيٺان ويٺو هو. اُتان هڪ بادشاهہ لنگهيو، جنهن سان لشڪر ساڻ هو. بادشاهہ پالڪيءَ ۾ سوار هو. بادشاهہ سان وزير ساڻ هئس. هن فقير ڏٺو. فقير کي چيائين تہ، توهان ٿورو اڳتي هلو تہ توهان کي ايترو ڏيندس جو زندگي ڀر توهان کي بيک پنڻ جي ضرورت نہ پوندي. ڪپڙا کهڙا پاتا اٿو، مان توهان کي مالا مال ڪري ڇڏيندس. ٿورو اڳتي هليا. بادشاهہ سيني کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو. بادشاهہ الله کي سجدو ڪيو ۽ چيو، ”خدا مونکي ايترو ڏيو تہ منهنجي در تي جيڪي سوالي اچن اُهي خالي نہ وڃن. مان اُنهن کي دل گهريو دان ڏيئي سگهان.“

بادشاهہ هيرن جي مٺ ڀري فقير وٽ ڪٽي آيو ۽ چيو، ”وٺو هي ايترا هيرا آهن جن جو ملهہ ايترو آهي جو توهان ۽ توهان جا پويان بہ پيا کائيندا. جهول جهليو.“ فقير چيو، ”مونکي نہ گهرجن. مان فقير کان نہ وٺندس. **توهان بہ فقير مان بہ فقير. فقير ٿي فقير کان ڪير بيک وٺندو؟**“ بادشاهہ غصي ۾ لال ٿي ويو. هن جو هٿ مياڻ ۾ ويو. جنهن ۾ تلوار پيئي هئي. اُن تلوار سان هن جي سِسي لاهي ها پر وزير هن جي هٿ کي روڪيو. وزير چيو، ”هن کان پڇو تہ سهين تہ هو توهان کي فقير ڪيئن ٿو چوي. هي فقير معمولي ڏسڻ ۾ نٿو اچي. هن اسان کان بيک گهري بہ نہ هئي. هو جهنگل ۾ ويٺو هو. توهان هن کي چيو تہ، ”مان توهان کي ايترو ڏيندس جو توهان کي مالا مال ڪري ڇڏيندس.“ اِهو ٻڌي هو اسان سان هت آيو. پنڌ آيو. توهان پالڪيءَ ۾ ويٺا هئا.

بادشاهہ فقير کان پڇيو. فقير چيو، ”توهان هينئر منهنجي سامهون خدا کي چئي رهيا هئا تہ مون کي ايترو ڏي جو منهنجي در تي جيڪي

ونگي آهي يا اندر ۾ اهڙي پيڙا اٿس جيڪا ٻڌائڻ نٿي چاهي.
هڪ ڏينهن سنت مائيءَ کان پڇيو، ”امان، توکي ڪهڙي تڪليف
هي؟ توهان روز اچو ٿا. صفائي وغيره ڪيو ٿا ۽ دير تائين وهو ٿا. مونکي
ڏايو تہ مان دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان. ايشور جا وڙ وڏا آهن.
يشور مهربان آهي. اُهو سڀ وارن جا سڏڙا ٻڌندو آهي. ايشور تي رک
توان ڀلي ڪندو.“ اُن عورت چيو، ”هڪ تہ لال گوپال ڏيو ٻيو تہ پريتم
تي جو پيار ڏيو.“ ائين چئي عورت روئڻ لڳي. سنت چيو، ”ماتا توکي
ولاد جي پراپتي ٿيندي. پريتم جو پيار ملندو.“ عورت چيو، ”منهنجو
ريتم پتي ويهن سالن کان ٻاهر آهي جنهن جو ڪوبہ پتو نہ آهي. هو
يئرو آهي يا نہ مونکي اولاد ڪٿان ٿيندو؟“ ائين چئي عورت وڏيڪ
ئڻ لڳي . سنت چيو، ”مون توهان کي نہ چيو آهي پر پرماتما چوايو
ي. توکي پيارو پريتم پتي جلد ملندو ۽ اولاد بہ ٿيندو. ڏهين مهني
هان ٻالڪ کي ڪٽي دربار ۾ ايندا.“ اُهو ٻڌي عورت گلاب جي گل
گر ٽڙي پيئي جڻڪ هن کي پتي اڄ ئي ملي ويو. هوءَ سنت کي
ام ڪري گهر ويئي. هوءَ ڏاڍو خوش هئي. هن گهر اچي نوان سهڻا
ر پاتا. پاڻ کي هار سينگار ڪري سنواريو. ايشور کي هن ياد ڪري
يءَ دل سان پنهنجي پياري پريتم پتيءَ کي ياد ڪيو. دروازي تي
نڪ جو آواز ٿيو. هن در کوليو تہ سچ پچ هن جو پيارو پريتم پتار
ازي تي بيٺو هو هن جي انتظار ۾ تہ دروازو کولي. ٻئي پتي-پتني
خوش ٿيا. پتي وائڙو ٿي ويو تہ مون ڪا چٺي نہ موڪلي آهي. هن
ڪيئن منهنجي اچڻ جي خبر پيئي جو هيترو هار سينگار ڪري
جي راه ڏسي رهي آهي؟ پتنيءَ سنت واري ڳالھ ڪري ٻڌائي.
چيو، ”جلد ملندو“. منهنجي دل چيو، ”اڄ ئي ملندو. سنت جي
ہ واڻي سچي نڪتي.“ ويهن سالن جي وڇڙيلن ميلاپ جو سچو
پراپت ڪيو. پياس جي پياس مٽي.
رت ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ سنت وٽ ويئي. هوءَ وري بہ ويهي
سپ ويا تڏهن هن سنت کي ٻڌايو، ”توهان جي آسيس سان،
جي ڪرپا سان رات جو منهنجو پيارو پريتم منهنجو پتي اچي

سنتن جي مهما آهي اپار

هڪ سنت ستسنگ ڪندو هو. هن جي ستسنگ ۾ عجيب قسم جي ڪشش هوندي هئي. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو هن جو ستسنگ ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. ستسنگ جي شروعات 'هري ڪرشن هري مراريءَ' سان ڪندو هو. ڪافي دير تائين اُها ڌني چالو هوندي هئي. ماڻهن کي ڏاڍو آنند ايندو هو. ڪيترا ماڻهو ته ڌنيءَ ۾ کوهجي ويندا هئا. ڌني پوري ٿيندي هئي ته ڪا نه ڪا ڪَٿا ڪٿندو هو. ڪَٿا جي شروعات گيت سان ٿيندي هئي. اُن گيت ۾ ڪهاڻيءَ جو ڪجهه سار اچي ويندو. ڪڏهن ڪڏهن ڪرشن ليلا جو بيان ڪندا ته جهومائي ڇڏيندا ته ڪڏهن رام پرت جي وڇوڙي جو بيان ڪندا ته روئاري ڇڏيندا هئا. ستسنگ ڪلاڪ هلندو. نيم سان پنجين کان ڇهين تائين هلندو هو.

هو چوندا هئا ته، ''ستسنگ ۾ اچو ته نيم سان اچو. ڪوشش ڪري دير سان نه اچو. پر جيڪڏهن دير سان اچو ٿا ته به هلندو پر ڪڏهن به وچمان نه اُٿو.'' ڪنهن کي ڪجهه به نه چوندا هئا. ستسنگ پورو ٿيندو هو ته آيل ستسنگي پرڻام ڪري هليا ويندا هئا. ڪنهن کي ڪجهه پڇڻو هوندو هو يا ڪجهه چوڻو هوندو هو ته ڪجهه وقت کان پوءِ اُنهن مان جن کي ڪجهه پڇڻو آهي يا چوڻو آهي اُهي لائين سان ايندا هئا ۽ چوندا هئا. ڪيترا پنهنجي من جون مُرادون حاصل ڪندا هئا.

هڪ مائي جنهن جي عمر لڳ ڀڳ پنجاهه سال هئي. هوءَ هرروز شيوا ڪندي هئي. ٻهاري پائڻ ۽ پال وڇائڻ وغيره. هوءَ هرروز ستسنگ ۾ ايندي هئي. سالن کان ايندي هئي. ستسنگ پورو ٿيندو هو ۽ پوءِ ڇڳيءَ دير تائين وهندي هئي. جڏهن سڀ ماڻهو هليا ويندا ويا تڏهن هوءَ به هلي ويندي هئي. هوءَ ڪڏهن به ڪجهه به نه گهرندي هئي ۽ نه وري سنت کي ڪجهه به چوندي هئي. سنت سوچيندو هو ته هيءَ مائي هرروز سيني کان اڳ اچي ٿي. صفائي وغيره ڪري ٿي ۽ سيني کان پوءِ وڃي ٿي. هيءَ يا ته

توهانجي مٺڙي ياد ۾





شري ٺاڪرداس ڪرمچند ڏنڪاڻي

سرڳواس تاريخ : 14-4-2012



آسودومل ڪرمچند ڏنڪاڻي

ڳواس تاريخ : 28-10-2009

شيوا ۾ :

جهمٽمل، ڪرمڪداس،

رامچند، گهنشامداس

۽ ڏنڪاڻي پريوار

بڙودا

ويو ۽ هن منهنجي ويهن سالن جي پياس ٻجهائي. مان توهان جي آشيرواد سان ڏاڍو خوش آهيان.'' سنت به خوش ٿيو.

هن پريوءَ جا شڪرانا مڃيا. هن چيو، ''ڪرڻ-ڪرائڻ وارو، چوڻ-چوائڻ وارو پرماتما آهي. مان ته نمت ماتر آهيان.شڪرانا اُن جا وڃي مڃ. ايشور ڪي ڏياءِ ته توکي ڪرشن جهڙو ٻالڪ ملي.''

سنت ته فقط ايشور جي باري ۾ ٻڌائيندو هو پر سماجڪ ڳالهيون پڻ ٻڌائيندو هو.پتنيءَ کي پتيءَ جي شيوا ڪرڻ گهرجي.پتيءَ کي پرميشور سمجهي اُن جي شيوا ڪرڻ گهرجي. سس سهري ۽ وڏن جي شيوا ڪرڻ گهرجي. پرشن کي استريءَ کي مان ڏيڻ گهرجي. هن جو درجو اوچو آهي. استري مهان آهي. پرائي استريءَ کي ماتا ڪري سمجهڻ گهرجي جوئا، شراب، بيڙي ۽ ٻين خراب عادتن کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي. ۽ اُن جي باري ۾ ڪيترائي مثال ڏيندا هئا يا ڪڏهن ڪڏهن ڪا ڪهاڻي پڻ اُنهن عادتن جي ڪري ٻڌائيندا هئا ته ڪيئن انهن خراب عادتن جي ڪري گهر برباد ٿين ٿا. سرٻ جهڙا گهر نرڳ بڻجي وڃن ٿا. يڌشٽر جي ڪهاڻي ۽ راجا نل دمينتي جي ڪهاڻي پڻ ٻڌائيندا هئا. ڏيتي-ليتي جي باري ۾ چوڻ ۽ ڏڻ وار گهٽ ملڻ جي ڪري چوڻ نه گهرجي. ايشور جي پوڄا آراڌنا ضرور ڪرڻ گهرجي.

ڌهين مهني مائيءَ کي پٽ جي پراپتي ٿي. هوءَ خوش ٿي سنت وٽ آئي. سنت کي گود ۾ پٽ ڏنو ۽ چيو، ''هن تي آشيرواد جو هٿ گهمايو.''

امان چيو، ''ڏنو ٻارو، پريوءَ جا رنگ پنجاهه سالن جي عمر ۾ ٻالڪ جو جنم ۽ ويهن سالن کان پوءِ پتيءَ جو ملڻ. پريو ڪندو پاڻ آهي ۽ پنهنجو نالو نه ڪندو آهي. نالو پنهنجن پريمين جو ڪندو آهي. سنت جي ڏوويءَ ۾ ايشور ٻڌو پيو آهي. سنت ايشور کي پيارا آهن. ستسنگ ۾ ايشور جو واسو آهي. سنت ايشور سان ملڻ جي راهه ٻڌائين ٿا. سنت جيڪي وچن ڪڍن ٿا پريو اُنهن کي پورو ڪري ٿو. انڪري چوندا آهن ته سنتن جي مهما آهي اپار، جنهن جو نه آهي انت نه پار.''

●●●

پوتر ياد ۾

پوڄنيه ڪاڪا صاحب

توهانجي سادگي ۽ نمرتا اسانجو سونهون آهي.



پوڄنيه ٽيڪچند شونداس ڏنڪاڻي

سرڳواس : 8-8-1993

شيوا ۾ :

جهمٽمل، گرمکداس، رامچند، گهنشامداس

۽ ڏنڪاڻي پريوار

بڙودا



واقفيت

نالو : ڪوٽومل بي. واڌواڻي

جنم : 27-6-1945

جنم اِستان : ڏيرو (ساهتي) سنڌ

تعليم : بي.اي، بي.ايڊ

پيشو : رٽائرڊ ٽيچر، ڊاڪٽر سي.جي.هاءِ اسڪول،
سردارنگر، احمدآباد.

ڇپيل ساهتيہ : آمان ٻڌائيندي هئي...
آمان ٻڌايو تہ...

اڻ ڇپيل : 'سنتن جي مهما آهي اَپار'
'اُهو ٻالڪ ڪير هو؟'
'اڻ وسرندڙ واقعا'

ائڊريس : 254/A، ڊاڪٽر ڪتواڻي هاسپيٽل جي پٺيان،
سردارنگر، احمدآباد-382475

AMA BUDHAYO TA... KOTUMAL B. WADH